روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 08 فيبروري 2023ع بمطابق 16 رجب المرجب 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 256

پاليسي ڳالهين ۾ بجيٽ خسارو، ٻاهرين فنانسنگ ۽ بجيٽ فريم ورڪ سميت اهم معاملن تي ويچاريو ويندو

سبسڊي جو خاتمو، ترقياتي بجيٽ ۾ گهٽتائي، آءِ ايم ايف سان ڳالهين ۾ ڏکين فيصلن جو امڪان

پاڪستان کي 30 جون تائين پرڏيهي ناڻي متاستا ذخيرا 16 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن تائين آڻڻا پوندا ۽ ٻڌائڻو پوندو ته اها رقم ڪٿان ايندي، پاڪستان کي درآمدن تي پابنديون فوري طور ختم ڪرڻيون پونديون

ايل سيز کولڻ لاءِ 4 ارب ڊالر فوري طور فراهم ڪرڻا پوندا، بجيٽ خسارو گهٽ ڪرڻ لاءِ 600 ارب رپين کان وڌيڪ خرچ گهٽ ڪرڻ جا قدم کڻڻا پوندا، ترقياتي بجيٽ تي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ جي ڪٽوتي جي تياري

غير ترقياتي خرچن ۾ به وڏي گهٽتائي آندي ويندي، آءِ ايم ايف سان غير ضروري منصوبن جي فنڊنگ روڪڻ تي به ڳالهه ٻولهه ٿيندي، هلندڙ مالي سال بجيٽ مان سبسڊي جاري ڪرڻ ۾ ذڪر جوڳي گهٽتائي تي گفتگو ٿيندي

سيني ترقياتي منصوبن جي مرحلي وار مانيٽرنگ ويب سائيٽ تي پبلڪ ڪئي ويندي، نجڪاري پروگرام فعال بڻائي رياستي ملڪيتي ادارن کي فعال يا وڪرو ڪرڻ جي حڪمت عملي طئي ٿيندي

احتساب جو عمل اثرائتو ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ قانون سازي بحث هيٺ ايندي، پرڏيهي ملڪن کان قرض وٺڻ ۽ واپس ڪرڻ جي نئين پاليسي طئي ٿيندي

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ پاليسي ڳالهين ۾ ڏکين فيصلن جو امڪان آهي. ذريعن موجب پاليسي ڳالهين ۾ بجيٽ خسارو، ٻاهرين فنانسنگ ۽ بجيٽ فريم ورڪ سميت اهم معاملن تي پاليسي ڳالهيون ٿينديون. ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي سخت سوالن جا جواب ڏيڻا آهن. پاڪستان کي 30 جون تائين پرڏيهي ناڻي متاستا ذخيرا 16 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

ترڪيه ۾ زلزلي ستيلن جي امداد لاءِ رليف فنڊ قائم، وفاقي ڪابينا جي مهيني جي پگهار عطيو ڏني ويندي

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس، وفاقي ڪابينا پاران ترڪيه ۽ شام ۾ زلزلي سان ٿيندڙ تباهي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

وزيراعظم ڪابينا کي زلزلي جي فوري پوءِ ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان سان پنهنجي ٽيليفونڪ رابطي بابت ٻڌايو جنهن ۾ هن زلزلي سان ٿيندڙ تباهي تي گهري افسوس جو اظهار ڪيو

پاڪستان ۽ ترڪيه هڪ جان ٻه دل آهن، ترڪيه 2022ع جي تاريخي ٻوڏ ۾ پنهنجي پاڪستاني ڀائرن جي مدد ۾ سڀ کان اڳتي رهيو: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪستاني قوم پنهنجي ترڪ ڀينرن ڀائرن کي مصيبت جي هن گهڙيءَ ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي، آئون پاڻ سياڻي زلزلي ستيل علائقن جي دوري جي لاءِ ترڪيه روانو ٿي رهيو آهيان

پي آءِ اي ۽ پاڪستان ايئرفورس جون اڏامون ريسڪيو ٽيمون ۽ امدادي سامان کڻي ترڪيه روانيون ٿي چڪيون، ريسڪيو اهلڪارن کانسواءِ ڊاڪٽرز ۽ پيراميڊڪس پڻ امدادي ٽيمن ۾ شامل آهن

نيشنل بئنڪ جي صدر جي مقرري جي عمل کي نئين سر شروع ڪرڻ جي منظوري، ڪريمنل لاز/ قانون فوجداري (ترميمي) بل بابت ڪابينا ڪميٽي قائم ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪيه ۾ زلزلي ستيلن جي امداد جي لاءِ ريليف فنڊ قائم ڪري ڇڏيو. وفاقي ڪابينا جي هڪ مهيني جي پگهار جڏهن ته گريڊ 18 کان گريڊ 22 جي سرڪاري آفيسرن جي هڪ ڏينهن جي پگهار ترڪيه جي زلزلي ستيلن جي لاءِ قائم فنڊ ۾ بطور عطيو ڏني ويندي. ان ڳالهه جو فيصلو وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڪيو ويو. وزيراعظم آفيس جي پريس ونگ موجب اجلاس جي شروع ۾ وفاقي ڪابينا ترڪيه ۽ شام ۾ زلزلي سان ٿيندڙ تباهي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ فوت ٿيندڙن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه يو اين ڊي پي جي نمائندي سان ملاقات ڪندي

معذورن لاءِ هر اداري ۾ نوڪرين جي ڪوٽا آهي: مراد شاهه

سنڌ حڪومت خاص ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي هر هڪ سرڪاري اداري ۾ مخصوص ڪوٽا رکي آهي

سنڌ ۾ اڃا به هڪ لک اسپيشل (خاص) ٻار آهن جن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڊيف ريچ اسڪول ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت خاص (معذور) ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي هر هڪ سرڪاري اداري ۾ مخصوص ڪوٽا رکي آهي جنهن تحت ڪين معذورن کي قابليت جي بنياد تي روزگار فراهم ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي وڏي وزير خانگي شعبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بجلي بحالي جي عمل ۾ تربيلا پاور هائوس ست ڀيرا فيل ٿيڻ جو انڪشاف

سينيٽ جي توانائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي بريڪ ڊائون جي جاچ لاءِ قائم ڪميٽي تي عدم اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو

بريڪ ڊائون جي انڪوائري اڃا فائنل ناهي ٿي، ڪميٽي مائڪرو سيڪنڊ ليول تي وولٽيج جو جائزو ورتو: بريفنگ

بريڪ ڊائون جي جاچ لاءِ نيپرا ۾ به اجلاس ٿيو، جاچ ڪري رهيا آهيون ته بريڪ ڊائون وقت آئسوليشن ڇو نه ٿي

اسلام آباد (م ر د) سينيٽ جي توانائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي بريڪ ڊائون جي جاچ لاءِ قائم انڪوائري ڪميٽي تي عدم اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو. اجلاس ۾ نيشنل ٽرانسميشن اينڊ ڊسپيچ ڪمپني (اين ٽي ڊي سي) ۽ نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) اختيارين شرڪت ڪئي. ڪميٽي بجلي بريڪ ڊائون جي انڪوائري ڪميٽي تي عدم اعتماد جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد جي مقامي عدالت شيخ رشيد جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي مقامي عدالت اڳوڻي صدر آصف زرداري کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪيس ۾ شيخ رشيد جي گرفتاري کانپوءِ ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. جوڊيشل مئجسٽريٽ عمر شبير محفوظ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ شيخ رشيد جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

باجوا کي واڌ ڏيڻ وڏي غلطي هئي، افغان طالبان پاڪستان مخالف ناهن: عمران خان

نواز شريف مون کي نااهل ڪرائڻ چاهي ٿو ۽ لڳي ٿو ته چونڊن ۾ ڊانئلي ٿيندي، پهريون ڀيرو عوام رجيم چينج کي قبول نه ڪيو

پنجاب ۾ اهڙن ماڻهن کي آندو پيو وڃي، جيڪي 25 مئي جي واقعن ۾ ملوث هئا، ائين ٿو لڳي ته چونڊن ۾ ڊانئلي ٿيندي

لاهور (م ر د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته نواز شريف مون کي نااهل ڪرائڻ چاهي ٿو ۽ لڳي ٿو ته چونڊن ۾ ڊانئلي ٿيندي. اڳوڻي وزيراعظم پرڏيهي ميڊيا جي نمائندن سان زمان پارڪ لاهور ۾ ملاقات ڪئي ۽ چيو ته پهريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وزيراعظم پاران ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس هڪ ڀيرو ٻيهر ملتوي

وزيراعظم اڄ ترڪيه وڃي طيب اردوان سان ڏک جو اظهار ڪندو: مريم اورنگزيب

وزيراعظم جي ترڪيه جي دوري سبب اي پي سي ملتوي ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف پاران ڪوٺايل اي پي سي هڪ دفعو ٻيهر ملتوي ڪئي وئي آهي. شڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ٻڌايو ته وزيراعظم شهباز شريف سڀاڻي صبح جو انقره روانو ٿيندو هو صدر طيب اردوان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ٽيريان ڪيس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ لارجر بينچ جوڙي ڇڏيو

لارجر بينچ ۾ جسٽس محسن اختر ڪياني ۽ جسٽس ارباب محمد طاهر شامل

لارجر بينچ 9 فيبروري تي عمران خان نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندو

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مبينه ڌيءَ جي ڄاڻ لڪائڻ تي عمران خان جي نااهلي واري درخواست تي ٻڌڻي لاءِ لارجر بينچ جوڙي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وزيراعظم شهباز شريف جي ناٺي جي عبوري ضمانت ۾ واڌ

هارون يوسف احتساب عدالت ۾ پيش ٿيو، عبوري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي

نئين قانون تحت هارون يوسف جي گرفتاري جي ضرورت نه آهي: جاچ آفيسر

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف جي ناٺي هارون يوسف کي احتساب عدالت مان عبوري ضمانت ۾ واڌ ملي وئي. مني لانڊرنگ ريفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نيب جي احتساب جي ضرورت آهي، جاويد اقبال کي حساب ڏيڻو پوندو: شاهد خاقان عباسي

ملڪ ۾ احتساب جو تماشو جاري آهي، فواد حسن فواد خلاف به ڪوڙو ڪيس ٺاهيو ويو، مان ن ليگ ۾ ئي آهيان

جيستائين نيب کي ختم نه ڪنداسين حڪومت نه هلندي، جاويد اقبال روئي روئي چئي ٿو ته مون کان حڪومت ڪرائيندي هئي

لاهور (م ر د) ن ليگ جي سينيئر اڳواڻ شاهد خاقان عباسي هڪ ڀيرو ٻيهر پارٽي ڇڏڻ جي خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي. لاهور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو ته احتساب جو تماشو جاري آهي پر هن وقت نيب جي احتساب جي ضرورت آهي، فواد حسن فواد خلاف به ڪوڙو ڪيس ٺاهيو ويو. جسٽس رٽائرڊ جاويد اقبال کي حساب ڏيڻو پوندو، هن چيو جيستائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

شرجيل انعام ميمڻ پاران ترڪيه ۽ شام جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار

سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام ڏکئي وقت ۾ زلزلي متاثر خاندانن سان گڏ بيٺل آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ ڪابينا زلزلي متاثرن جي امداد لاءِ فوري هڪ لک خيما ۽ ٻيو سامان ڏيڻ جي منظوري ڏني آهي

سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي امداد ۾ ترڪيه جي حڪومت ۽ ترڪ عوام بي پناهه سهڪار ڪيو: جاري ڪيل بيان

شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ترڪيه ۽ شام ۾ خوفناڪ زلزلي ۾ وڏي پيماني تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پرويز مشرف کي فوجي اعزاز سان دفنايو ويو

جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي، جنرل (ر) قمر باجوه ۽ اشفاق پرويز ڪياني جي شرڪت

خالد مقبول صديقي، مصطفيٰ ڪمال، فاروق ستار ۽ فروغ نسيم سميت ٻيا به شريڪ

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صدر جنرل (ر) پرويز مشرف جي جنازي نماز مليرڪينٽ ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ سندس مڙهه کي فوجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 3 رپيا سستو ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 98 پئسا مهانگو ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 280 رپين جو، ڊالر 3 رپيا سستو ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بئنڪ ۾ ريٽي جي پيٽ ۾ ڊالر جي قدر ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 98 پئسا مهانگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار ايشين بينڪ جي وفد سان ملاقات ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ کي ميرٽ تي ڪرڻ ۾ ايريا ...

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اميدوارن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف درخواست داخل

تعليم واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري پنهنجن علائقن جي هارڊ ايرياز اميدوارن کي آرڊرز ڏنا: درخواست گذار

20 هزار کان وڌيڪ اميدوار نظرانداز ڪيا ويا آهن، اسان کي آرڊر ڏياري بي چيني ختم ڪئي وڃي

39 مارڪن تائين ڪٽنڊڙ اميدوارن کي هارڊ ايرياز جو جواز ڄاڻائي نظرانداز ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) 2021ع جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪنڊڙ اميدوارن کي آفر آرڊرز نه ملڻ جو معاملو، تعليم کاتي پاران هارڊ ايرياز ۽ ساڦت ايرياز جي بنياد تي اميدوارن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف درخواست داخل ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته تعليم واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري پنهنجن علائقن جي هارڊ ايرياز اميدوارن کي آرڊرز ڏنا. اميدوارن موجب 20 هزار کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قومي اسيمبلي ميمبر رائو محمد اجمل جي ملاقات

لاهور (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي اسيمبلي ميمبر رائو محمد اجمل ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ لاڳاپيل تڪن جي مسئلن ۽ جاري ترقياتي ڪمن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي اسيمبلي ميمبر رائو محمد اجمل ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان پرچوگال جو وفد ملاقات ڪندي

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي هدايت تي پاڪ فوج جا 2 دستا ترڪيه روانا

ترڪيه روانو ٿيندڙ پاڪ فوج جي ٻن دستن ۾ آرمي ڊاڪٽرز، نرسنگ اسٽاف ۽ ٽيڪنيشنز شامل آهن: آءِ ايس پي آر

دستا پاڪستاني سفارتخاني سان ويجها رابطا رکڻ جو ڪم جاري رکندا ۽ ريليف جو ڪم مڪمل ٿيڻ تائين اتي موجود رهندا

امدادي دستا 6 فيبروري جي رات پاڪ فضائيه جي خصوصي جهاز ذريعي روانا ٿيا، خيما، ڪمبل ۽ ٻيو امدادي سامان به روانو

راولپنڊي (م ر د) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي هدايت تي پاڪ فوج جا 2 دستا ترڪيه روانا ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب ترڪيه روانو ٿيندڙ پاڪ فوج جي ٻن دستن ۾ آرمي ڊاڪٽرز، نرسنگ اسٽاف ۽ ٽيڪنيشنز شامل آهن. آءِ ايس پي آر موجب دستا پاڪستاني سفارتخاني سان ويجها رابطا رکڻ جو ڪم جاري رکندا ۽ ريليف جو ڪم مڪمل ٿيڻ تائين اتي موجود رهندا. آءِ ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان دهشتگردي جو جهڙي طرح مقابلو ڪيو دنيا ۾ ان جو ڪٿي به مثال نه ٿو ملي: صدر علوي

دهشتگردي جو مقابلو ڪنداسين، منهنجي اچڻ ۾ دير جو سبب امدادي سرگرمين ۾ خلل جو سبب نه بڻجڻ آهي

حڪومت، انتظاميا ۽ ليڊي ريڊنگ اسپتال پاران زخمين کي بهترين طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

جن ماڻهن ڌماڪي ۾ پنهنجي پيارن کي وڃايو انهن جي نقصان جو ازالو نه ٿو ڪري سگهجي: زخمين جي عيادت دوران ڳالهيون

اسلام آباد (م ر د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته پاڪستاني قوم، سيڪيورٽي فورسز ۽ فوج دهشتگردي جو جهڙي طرح مقابلو دنيا ۾ ان جو ڪٿي به مثال نه ٿو ملي. حڪومت، فوج ۽ عوام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پشاور: صدر عارف علوي ڌماڪي ۾ زخمي ٿيلن جي عيادت ڪندي

وزيراعظم جي حڪم تي پاڪستان ۾ وڪي پيڊيا جون سروسز بحال

اسلام آباد (م ر د) پي ٽي اي آن لائن انسائيڪلو پيڊيا سروس جي حوالي سان مشهور ويب سائيٽ وڪي پيڊيا جي سروسز کي بحال ڪري ڇڏيو. واضح رهي ته 4 فيبروري تي وڪي پيڊيا کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ترڪي ۽ شام ۾ خوفناڪ زلزلي سان فوتين جو انگ 5 هزارن کان به وڌي ويو

زلزلي کانپوءِ 285 آفٽر شاڪس اچي چڪا آهن، جنهن سان 5 هزار 775 عمارتون تباهه ٿيون: اٿارٽي

ترڪي ۾ 16 هزار کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي چڪا، فوتين جي انگ ۾ وڏي پيماني تي واڌ جو خدشو آهي

انقرا (م ر د) ترڪي ۽ شام ۾ گذريل ڏينهن آيل خوفناڪ زلزلي کانپوءِ تباهه ٿيل عمارتن جي ملبي مان لاش ڪڍڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ فوتين جو انگ 5 هزارن کان وڌي ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ترڪي جي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اينڊ ايمرجنسي مئنيجمينٽ اٿارٽي جو چوڻ آهي ته فوتين جو انگ 3 هزار 419 ٿي ويو آهي، جڏهن ته صدر طيب اردگان اهو انگ 3 هزار 549 ٻڌايو آهي. اٿارٽي موجب زلزلي کانپوءِ هيل تائين 285 آفٽر شاڪس اچي چڪا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ 5 هزار 775 عمارتون تباهه ٿيون. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي ۾ مبينا زهريلي گئس سان فوت ٿيندڙن جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مواچ ڳوٺ ۽ ڪياماڙي ۾ زهريلي گئس سان فوتگين جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

اهو هڪ سنگين ڏوهه آهي، سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو وڃي، هر فوتي جو پوسٽ مارٽم ڪرايو وڃي: عدالت

جيڪڏهن جاچ آفيسر طرفان دير ٿي ته ايڪشن وٺنداسين، واقعي ۾ هڪ شخص گرفتار آهي، جنهن ضمانت ورتي آهي: آءِ جي

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي علائقي مواچ ڳوٺ ۾ مبينا زهريلي گئس سان فوتگين جو ڪيس سرڪاري فرياد تي داخل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته هر فوتي جو پوسٽ مارٽم ڪرايو وڃي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مواچ ڳوٺ ۽ ڪياماڙي ۾ زهريلي گئس سان فوتگين جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن سلسلي ۾ آءِ جي سنڌ، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻيا پيش ٿيا. چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سيڪيورٽي ۾ واڌ ڪئي وئي

عمارت جي اندروني حصن ۾ ريپڊ ريسپانس فورس مقرر

هاءِ ڪورٽ جي داخلي رستن تي گاڏين جي تلاشي جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سيڪيورٽي ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. سيڪيورٽي اختيارين سنڌ هاءِ ڪورٽ جي عمارت جي اندروني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

واپاري ۽ ٻيا ماڻهو روزاني 50 لک ڊالر پاڪستان مان ڪڍي وڃي رهيا آهن: بلوم برگ

ڊالر اسمگلنگ طالبان حڪومت جي لائف لائين آهي، ڊالر جي غيرقانوني ڪاروبار سان افغانستان جي مدد ٿي رهي آهي

آمريڪا افغانستان جا اڌ پئسا جاري ڪرڻ تي راضپو ظاهر ڪيو هو پر عورتن جي اسڪول وڃڻ تي پابندي کان پوءِ ڊالر روڪيا ويا

طالبان حڪومت افغانستان ڊالر آڻڻ تي پابندي ختم ڪري ڇڏي آهي، افغانستان مان ڊالر ڪڍي وڃڻ جي حد 5 هزار ڊالر مقرر آهي

اسلام آباد (م ر د) عالمي ميگزين بلوم برگ موجب پاڪستان مان ڊالر اسمگلنگ طالبان حڪومت جي لائف لائين آهي. واپاري ۽ ٻيا ماڻهو روزاني 50 لک ڊالر پاڪستان مان ڪڍي وڃي رهيا آهن. بلوم برگ جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ڊالر جي غيرقانوني ڪاروبار سان افغانستان جي مدد جڏهن ته پاڪستاني معيشت لاءِ مسئلا وڌي رهيا آهن. بلوم برگ موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

آبادگارن کي هلندڙ مهيني جي آخر ۾ ٻج جي مد ۾ پئسا ڏيڻ جو فيصلو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي زراعت بابت صلاحڪار منظوروسان جي صدارت ۾ کاتي جي نئي ۽ پراڻي هلندڙ زرعي اسڪيمن بابت اهم اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ سيڪريٽري زراعت، ڪينڪمشنر ڪائنڪمشنر، کاتي جي تمام ونگز جي ڊي جيز، ڊويزنل ڊائريڪٽرز سميت لاڳاپيل آفيسر پڻ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ زراعت بابت صلاحڪار منظور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: وفاقي وزير ساجد توري سان قطر جو سفير ملاقات ڪندي

چوڌري نثار جو نئين چونڊ ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو

قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 59 راولپنڊي مان چونڊ وڙهندو

چوڌري نثار اڄ آزاد حيثيت سان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندو

راولپنڊي (م ر د) اڳوڻي وفاقي وزير چوڌري نثار جو نئين چونڊ ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب چوڌري نثار قومي اسيمبلي جي تڪ اين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سي اي او واٽر سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ ۾ چوري جي واقعن جو نوٽيس ورتو

چوري واقعي کانپوءِ واٽر بورڊ جا سڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران پاڪ ڪالوني هارون آباد سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ ۾ چوري جي واقعن جو نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: سي اي او واٽر بورڊ جي حڪمن تي ڪيل ڪارروائي کانپوءِ گرفتار ڪيل جوابدار کي نيو پيو وڃي

اسلام آباد: سينيٽر رضا رباني اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان نگران وڏي وزير محمد اعظم خان جي ملاقات

اسلام آباد (م ر د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان نگران وڏي وزير محمد اعظم خان پشاور ۾ ملاقات ڪئي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب خيبرپختونخواهه جي گادي واري شهر ۾ چيف منسٽر هائوس ۾ نگران وڏي وزير محمد اعظم خان سان ٿيندڙ ملاقات ۾ صوبي جي مجموعي صورتحال ۽ امن امان جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي. ايوان صدر جي پريس ونگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي ڏينهن رمضان المبارڪ مهينو شروع ٿيندو: موسميات کاتو

چيئرپرسن سيمي ايزدي جي سربراهي ۾ ماحوليات بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس

موسميات کاتي، چنڊ ڏسڻي ڪميٽي ۽ ٻين طرفان چنڊ جي معاملي تي ٿيندڙ تڪرار تي گفتگو ڪئي وئي

سدائين چنڊ تي تڪرار ٿيندو آهي، پوپلزئي صاحب کي سدائين چنڊ تڪڙي نظر اچي ويندو آهي: مشاهد حسين سيد

اسلام آباد (م ر د) موسميات کاتي جي اختيارين سينيٽ جي ماحوليات بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي کي ٻڌايو آهي ته هن سال سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي ڏينهن رمضان المبارڪ مهينو شروع ٿيندو ۽ سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي ڏينهن تي ملهائي ويندي. پارليامينٽ هائوس اسلام آباد ۾ چيئرپرسن سيمي ايزدي جي سربراهي ۾ ماحوليات بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

فرح گوگي 3 سالن دوران هڪ ارب 60 ڪروڙ روپيه رشوت وصول ڪئي: عطاءالله تارڙ

عمران خان سياسي جدوجهد جو ڊرامو ڪندو آهي، هن کي مشڪل وقت ۾ صرف لڪڻ ۽ ڀڄڻ ايندو آهي

ڪوڙ، منافقت ۽ ڌوڪي جو ٻيو روپ عمران خان آهي، جيل ڀريو تحريڪ عدالتن کان ڇوٽ وٺڻ جي تحريڪ ۾ بدلجي وئي آهي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم جي صلاحڪار عطاءالله تارڙ چيو آهي ته فرح گوگي 3 سالن دوران هڪ ارب 60 ڪروڙ روپين جي رشوت ۽ ڪميشن وصول ڪئي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس دوران عطاءالله تارڙ چيو ته عمران خان سياسي جدوجهد جو ڊرامو ڪندو آهي، هن کي مشڪل وقت ۾ صرف لڪڻ ۽ ڀڄڻ ايندو آهي. ڪوڙ، منافقت ۽ ڌوڪي جو ٻيو روپ عمران خان آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

استاد بخاري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ۾ مختلف راندين جو سلسلو

غلام سرور عباسي جي تعليمي خدمتن کي مد نظر رکندي مان ۾ شروع

مناسب منصوبہ بندي ڪرڻ لاءِ راند جو ميدان بهترين تجربيگاه آهي: عرفان ڪلهوڙو

افتتاحي تقريب ۾ ڪاليج جي استادن راندين ۾ شريڪ ٿيندڙ شاگردن کي مبارڪون ڏنيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) استاد بخاري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج دادو پنهنجي روايت کي جاري رکندي شاگردن لاءِ ذهني ۽ جسماني نشونما لاءِ مختلف راندين جو سلسلو Sports Festival اسپورٽس ويڪ پروفيسر غلام سرور عباسي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: استاد بخاري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ۾ مختلف راندين جو سلسلو

سيناڙجا پرسان مال جي گاه چوري
ڪندي ڳوٺاڻو مالڪ هٿان پڪڙجي
پيو، مالڪ تي ڪيس

سيناڙجا (رپورٽر) سيناڙجا پرسان مال جي گاه چوري ڪندي ڳوٺاڻو مالڪ هٿان پڪڙيجي پيو پيهر چوري نہ ڪرڻ جي شرط تي گاه جي مالڪ معاف ڪري ڇڏيو جاوبدار الٽو مالڪ مٿان فرياد داخل ڪرائي ورتي. پوليس جا گاه مالڪ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ لامارا. متاثر جو احتجاج تفصيلي خبر موجب سيناڙجا پرسان ڳوٺ وليداد لنڊ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو ويجهو خدا آباد جي تاريخي ڳوٺ ڦڪا ۾ پلاٽ وارو معاملو: منٺ ميڙ قافلو پهتو

مشوري شريف جو صاحبزاده سائين ارشاد الله مشوري قاسمي، وڏيرو محمد علي مگنيجو شريڪ

محمد عمر شيخ جي در پاران ميڙ منٺ قافلو قتل ٿي ويل معروف شيخ جي ڳوٺ پهتو ۽ ملاقاتون ڪيون

دادو(ن سنڌيار) دادو ويجهو خدا آباد جي تاريخي ڳوٺ ڦڪا ۾ محمد عمر شيخ پنهور ۽ امام علي شيخ پنهور ۾ پلاٽ وارو معاملو: ڦڪا ڳوٺ کان ڳوٺ پير شاه ۾ ميڙ منٺ ڪافلو درگاه مشوري شريف جو صاحبزاده سائين ارشاد الله مشوري قاسمي، وڏيرو محمد علي مگنيجو حاجي محمد شريف پنهور ۽ سيد محبوب علي شاه جي اڳواڻي پهتو پلاٽ جي مالڪي تان 9 مهينا اڳ ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڊپٽي ڪمشنر بدين جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ آبادگارن ۾ پيسا ورهائڻ بابت اجلاس منعقد

پهريون فيز هڪ هفتي ۾ شروع ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهم گڏجاڻي ڊي سي آفيس ۾ منعقد ڪئي وئي

معامليتي تعلقو ماتلي ۾ 2 ٽنڊو باگو ۾ 2 باقي تعلقن ۾ هڪ هڪ سينٽر ناهيا ويندا: آغا شاهنواز خان

صرف اهي آبادگار اچن جنهن جو نالو لسٽ هجي ۽ پاڻ سان گڏ شناختي ڪارڊ ضرور آڻين: اجلاس ۾ خطاب

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ برسات ۽ ٻوڏ متاثر آبادگارن ۾ پيسا ورهائڻ لاءِ پهريون فيز هڪ هفتي ۾ شروع ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي پهرين فيز ۾ ضلعي بدين جا اهي آبادگار جنهن جي زمين ساڍا 12 ايڪڙ يا ان کان گهٽ آهي اهڙن 15 هزار 2 سوءِ 48 سيلاب متاثرين آبادگارن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين: ڊي سي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

دادو ۾ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر
ايسوسيئيشن پاران هڙتال ۾ بينر
کڻي احتجاج

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران هڙتال ۾ بينر کڻي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري سنڌ حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي، ان موقعي تي مظاهرين سڪندر، اعظم ملاح، بلاول پنهور، امداد شاهاڻي، رضا ڪوريجو ۽ ٻين ڏانهيو تہ سنڌ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

عادلپور لڳ ڳوٺ عارب ۾ چيئرمين سورج ڊولپمينٽ پاران سامان تقسيم ڪيو ويو

سنڌ مهر فائونڊيشن وڪيل عرض آزاد مهر ۽ سماج سڌارڪ اياز علي مهر سامان ورهايو

اسان جي ٽيم جي تعاون سان وس آهر غريبن کي اٽو پهچايو وڃي ٿو: سماجي اڳواڻ اياز علي مهر

هن نيڪ ڪم ۾ دل کولي تعاون ڪن جئين وڌ کان وڌ غريب مزدورن جي مدد ڪري سگهجي

عادلپور(رپورٽ:اسلم مهر) عادلپور لڳ ڳوٺ عارب ۾ چيئرمين سورج ڊولپمينٽ آرگنائيزر جنرل سيڪريٽري آل سنڌ مهر فائونڊيشن وڪيل عرض آزاد مهر ۽ سماج سڌارڪ اياز علي مهر طرفان ۽ ڪامريڊ امتياز مهر صحافي اسلم مهر گل حسن مهر صحافي حليم مهر ذاڪر حسين مهر جي نگراني ۾ مختلف ڳوٺن جنهن ۾ عارب مهر عذر مهر يوسف مهر جي 100 کان وڌيڪ غريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي حقن جي تنظيم جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

گولاڙچي ٽنڊو باگو تلهار ماتلي جي سون جي تعداد ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن پاران احتجاج

پگهار مان ڪٽوتي ڪيل رقم گروپ انشورنس بينوئل فنڊ جي رقم نٿي ڏني وڃي: مظاهرين

پگهار مان ڪٽوتي ڪيل رقم گروپ انشورنس جي رقم نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ويٺي آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي حقن جي تنظيم گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائز ويلفيئر ايسوسيئيشن گريوا سنڌ جي سڏ تي گريوا ضلعي بدين جي سيني تعلقن گولاڙچي ٽنڊو باگو تلهار ماتلي جي سون جي تعداد ۾ رٽائرڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين: رٽائرڊ سرڪاري ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي تعلقن ٽنڊو غلام حيدر ٻلڙي شاه ڪريم ۽ ٻين شهرن ۾ منشيات جو آزار

ٻلڙي شاه ڪريم ۽ ٻيا ننڍا وڏا شهر کلي عام پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو مرڪز بڻجي ويا

ڊيلرن مين پڙي فيڪٽري مالڪن پاران پوليس کي لکين روپيہ منٿليون ڏيڻ سبب آزار وڌي ويو آهي

مين پڙي ڊيلرن مالڪن منشيات فروشن کي اندروني سياسي پوتارن جو بہ تمام وڏو آشيرواد حاصل آهي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ:ميرحسن رند) ضلعي ٽنڊو محمد خان جي تعلقن ٽنڊو غلام حيدر ٻلڙي شاه ڪريم ۽ ٻيا ننڍا وڏا شهر کلي عام پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو مرڪز بڻجي ويا منشيات مين پڙي گٽڪو سفينا ۽ ڪچو شراب گهر گهر سرعام فروخت ٿي وڪامڻ لڳو منشيات جي ڊيلرن مين پڙي فيڪٽري مالڪن پاران پوليس کي لکين روپيہ منٿليون ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

واره ۾ قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ علي اڪبر خاصخيلي کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج

ايف آئي آر داخل ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ ڪارڪنن طرفان احتجاجي سلسلو جاري آهي

عنايت الله لاشاري، معشوق مرڪنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، نعرا

علي اڪبر خاصخيلي کي بغير ڪنهن جواز جي پنهنجي دڪان تان ڪنيي تشدد جو نشانو بڻايو: اڳواڻ

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره ڪجھ ڏينهن اڳ قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر علي اڪبر خاصخيلي کي وڳڻ پوليس طرفان ڪنيي ڪٽي تشدد ڪري مٿس ايف آئي آر داخل ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ طرفان احتجاجي سلسلو جاري قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ عنايت الله لاشاري، معشوق مرڪنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقہ پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

واره: قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ جي گرفتاري خلاف مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفر علي بروهي جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

آلين آکين سان اباڻي قبرستان مقبرو شريف پرسان مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو

رفيق وساڻ من جاويد وساڻ صحافي نصير بروهي عبدالسلام ٿهيم ۽ ٻيا شريڪ

مظفر بروهي سان شيخ پرڪيو پرسان ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ تعزيت جو سلسلو جاري

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفر علي بروهي جي والده محترمہ وفات ڪري وئي مرحوم کي آلين آکين سان اباڻي قبرستان مقبرو شريف پرسان مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو جنازي نمازي ۾ صحافين قومپرست اڳواڻن صحافين شهرين علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي خبر موجب ٽنڊو محمدخان جي سينئر صحافي مظفر علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

غوٺپور شهر جي شهيد بادشاه پاڙي جو رهواسي زندگي جو ڏيئو وسائي ڇڏيو

نوجوان اڪبر جعفري غربت سبب پاڻ کي ڦاهو ڏيئي زندگي جو ڏيئو وسائي ڇڏيو

فوتي زال ۽ ٻارن سان جهيڙو ڪري ڪين مارڪٽ ڪئي تہ زال ٽائي تي دانهن کڻي آئي: ذريعا

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور شهر جي شهيد بادشاه پاڙي جو رهواسي چاليهن ورهين جي نوجوان اڪبر جعفري غربت سبب پاڻ کي ڦاهو ڏيئي زندگي جو ڏيئو وسائي ڇڏيو پوليس ذريعن ٻڌايو تہ هڪ هفتو اڳ هو گهر ۾ غربت سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خيرپور جي رهواسڻ ناري نوربانو سولنگي پاران پيار جي پرڻي بعد احتجاجي مظاهرو

پيار جو پرڻو ڪندڙ ناري نوربانو سولنگي پنهنجي مڙس بچل لوهر سان گڏ احتجاج ڪيو

منهنجو اڳوڻو مڙس منهنجي مينهن ۽ گهر ۾ پيل سونا زيور روڪ رقم پڻ کڻي ويو: ناري

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) خيرپور جي رهواسڻ ناري نوربانو سولنگي شڪارپور واسي بچل لوهر سان پيار جو پرڻو ڪرڻ بعد تحفظ لاءِ ميڊيا سينٽر پرياسٽي پهچي وئي ان سلسلي ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ ناري نوربانو سولنگي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪري رهيو آهي

محرابپور جي عدالت ايس ايڇ او ۽ سندس عملي خلاف گرفتاري وارنٽ جاري ڇڏيا

عدالت ۾ ڪيس جي پيروي هاءِ ڪورٽ جي ايڊوڪيٽ سيد گمبل حسين شاه ڪئي

ايس ايس پي نوشهروفيروز ڏانهن 18 فيبروري تي پيش ٿيڻ جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو)محرابپور ڪوٽڙي ڪبير سهيل احمد ڦرڙو جي فرياد تي ايڊيشنل سيشن جج نوشهروفيروز جي عدالت خانواهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو غلام حيدر جي ڳوٺ محمد صديق رند ۾ نينگر کي ڪتن ڏاڙهي ڇڏيو

بزرگ انسان شاه محمد رند کي بہ رولو ڪتن ڏاڙهي شديد زخمي ڪري وڌو آهي

فوري طور ڳوٺ ۾ ٽيمون موڪلي رهيل رولو ڪتن جو آزار ختم ڪيو وڃي: رهواسي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر جي ڳوٺ محمد صديق رند ۾ هڪ هفتي اندر 10 ماڻهن سميت هڪ معصوم نينگر کي ڳوٺ جي پن پالتو رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو ٻي طرف ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ نقصان ڪار رولو جانليوا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

غوٺپور روحاني طلبہ جماعت ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي باڊي چونڊجي وئي

صدر ڪليم الله اوڳاهي طاهري نائب صدر افتخار گجراتي طاهري ۽ ٻيا چونڊيا ويا

جوائنٽ سيڪريٽري اختيار علي ملڪ طاهري فنانس سيڪريٽري سجاد علي چونڊيا ويا

غوٺپور(عبدالنبي ملڪ) غوٺپور روحاني طلبہ جماعت ضلعي ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي سال 2023 جي چونڊ حضرت محمد مصطفيٰ مرڪز ۾ ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

غوٺپور: چونڊيل اميدوار گڏ بيٺل آهن

ايڊمنسٽريٽر ضلع ڪرنسل ڪراچي جي دنبہ ڳوٺ آفيس ۾ ساڃاهه وندن سان ملاقات

ڪراچي جي ايڊمنسٽريٽر نورحسن جوکيو سان گبول حسين بخش جوکيو ۽ ٻين ملاقات ڪئي

علائقن ۾ ترقياتي ڪم هلندڙ آهن انهن ڪمن کي جلد مڪمل ڪيو ويندو: نورحسن جوکيو

ڪراچي (رپورٽر) ايڊمنسٽريٽر ضلع ڪونسل ڪراچي جي دنبہ ڳوٺ ڪيمپ آفيس ۾ علائقي جي سماجي سياسي شخصيتن سان ملاقات ڪئي ۽ ان موقعي اسپورٽ جي کهلاڙين ڪرڪيٽ جي ڪٽ ڏني وئي ايڊمنسٽريٽر ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪشمور ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ ان جي پوليس ٽيم پاران سماجي برائين جي اڏن تي ڇاپا

ڪچي شراب چرس رکڻ ۽ آڪڙا پرچي جوا هلائڻ جي الزام 8 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن

جوابدار نديم شيخ کان 10 ليٽر ڪچي شراب، عبدالرزاق شيخ کان موبائيل پڻ ڪيرو ويو

ڪشمور (رپورٽ:اصغر علي چانڊيو) پوليس ڪارروايون ڪشمور ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ ان جي پوليس ٽيم سماجي برائين جي اڏن تي ڇاپي دوران ڪچي شراب چرس رکڻ ۽ آڪڙا پرچي جوا هلائڻ جي الزام 8 ڄڻن کي گرفتار ڪري گرفتار ملزمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪشمور: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر اچن ٿا

ميمڻ ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقن مان امن جو پکي اڏامي ويو، اختياريون خاموش

ستل ڦرجي وارداتن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو شهري تحفظ کان محروم

دملوٽي روڊ تي 20 هزار نقد موبائل فون ۽ اي ٽي ايم ڪارڊ ڦر ڪري فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ميمڻ ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقن مان امن جو پکي اڏامي ويو ايس ايڇ او ميمڻ ڳوٺ اگور ننڊ ۾ ستل ڦرجي وارداتن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو شهري تحفظ کان محروم ميمڻ ڳوٺ پوليس تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر ۾ قتل ٿيل نوجوان حسيب جوٽيجو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

علائقي واسين سياسي ۽ سماجي شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

گيا گيا ڪري سندس لاش قريشي ڳوٺ پرسان پاڻي جي ڪڍي جي پر ۾ اڇلايو ويو هو

سلطانپور (رپورٽ:قربان علي مهر) سکر ۾ قتل ٿيل نوجوان حسيب جوٽيجو جي جنازي نماز سلطانپور پرسان سندس اباڻي ڳوٺ خاصو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي واسين سياسي ۽ سماجي شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺاڻي جي حد ڳوٺ پير بخش راڄپر مان ڇهين ڪلاس جو شاگرد گم ٿي ويو

لياقت علي راڄپر کي گهر ٻاهران وردي پهريل ماڻهو کڻي ويا: وارث

منهنجي پاڻيٽي کي پوليس وردي پهريل ماڻهو کڻي ويا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

ڪشمور (رپورٽ:اصغر علي چانڊيو) پوليس ڪارروايون ڪشمور ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ ان جي پوليس ٽيم سماجي برائين جي اڏن تي ڇاپي دوران ڪچي شراب چرس رکڻ ۽ آڪڙا پرچي جوا هلائڻ جي الزام 8 ڄڻن کي گرفتار ڪري گرفتار ملزمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سيناڙجا: مبينہ کڻي گم ڪيل نوجوان لياقت علي راڄپر جو فائيل فوٽو

سلطانپور ۽ جوٽاس يونين
ڪائونسلن ۾ جام قادرخان پاران
اسڪيمن جو جائزو

سلطانپور(رپورٽ:قربان علي مهر) سلطانپور ۽ جوٽاس يونين ڪائونسلن ۾ صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو جي ننڍي ڀاءُ جام قادرخان ڌاريجو جو تڪ ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو جائزو وٺڻ بعد مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتن سان گڏ ورڪرن پاران ڏنل دعوتن پارٽين ۾ پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ اڳواڻ جام قادر خان ڌاريجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

مدرسہ دارالعلوم طاهريہ دادو پاران ساليانو چوٿين جلسہ شان قرآن و دستار فضيلت ڪانفرنس

ڪائنات حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنہ ڪاميٽي جي صدر خليفہ نعمت الله قريشي نگراني ڪئي

مشهور نعت خوان مظهر علي خاصخيلي طاهري شير خدا جي شان ۾ منقبت پڙهي محفل کي جهومائي ڇڏيو

مولا علي سان محبت رکڻ وارو مومن ۽ بغض رکڻ وارو منافق آهي: صغير احمد بلوچ طاهري ۽ ٻين جو خطاب

دادو(رپورٽ: عزيز الله خاصخيلي) مدرسہ دارالعلوم طاهريہ دادو پاران ساليانو چوٿون جلسہ شان قرآن و دستار فضيلت و ولادت باسعادت مولاءِ ڪائنات حضرت علي المرتضيٰ رضي عنہ ڪاميٽي جي صدر خليفہ نعمت قريشي طاهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: مدرسہ دارالعلوم طاهريہ دادو طرفان چوٿين جلسہ شان قرآن و دستار فضيلت ڪانفرنس جو ڏيک

ٿاڻي جي حد ڳوٺ پير بخش
راڄپر مان ڇهين ڪلاس جو
شاگرد کنيجي ويو

سيناڙجا (رپورٽر) سيناڙجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ پير بخش راڄپر مان ڇهين ڪلاس جو شاگرد نامعلوم هٿان مبينا طور کنيجي ويو، 12 ورهين جي نينگر لياقت علي راڄپر کي گهر ٻاهران وردي پهريل ماڻهو کڻي ويا آهن. سيناڙجا ٿاڻي وارن جو چوڻ آهي تہ اسان کي ڪا به خبر ناهي، مبينا کنيل نينگر جي چاچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٻلڙي شاه ڪريم ۽ ٽنڊو محمد خان جا چونڊيل نمائنده منشيات جي وڪري تي خاموش

وڏي آبادي رکندڙ شهر مويا، نظر پور، شاه واه، انصاري شگر ملز اسٽاپ ۾ آزار وڌي ويو آهي

ٽنڊو غلام حيدر ۾ وسڪي، انڊين سفينه، عاداب سفينه، مين پڙي، گٽڪو وڪرو ٿيڻ لڳو

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٻلڙي شاه ڪريم ۽ ٽنڊو محمد خان جا چونڊيل نمائنده بہ منشيات جي وڪري خلاف خاموش ٿي ٻڌڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍي سگهيا ٽنڊو غلام حيدر جي سپ کان وڏي آبادي رکندڙ شهر مويا، نظر پور، شاه واه، انصاري شگر ملز اسٽاپ، ورڙ موري، ڏنڊو، جمن ٻهراڻي، المدينہ ٻاءِ پاس، فاضل ٽائون سميت سڄي ٽنڊو غلام حيدر ۾ وسڪي، انڊين سفينہ، عاداب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پيپلز پارٽي هر دور ۾ ڪچي آبادي ڳوٺن کي ليز ڏنا: لياقت آسڪاڻي

ڪراچيءَ ۾ ڀهراڙي وارن علائقن کي اوليت جي بنياد تي اڪثر ترجيح ڏني آهي

پيپلز پارٽي بغير ڪنهن تعصب پرستي جي ملڪ جي عوام جي خدمت ڪري ٿي

سماجي اڳواڻ فتح محمد گبول، مور گائينچو، عبدالحفيظ بروهي، عبدالصمد بروهي شريڪ

ڪراچي (رپورٽر) اڄ بہ پيپلز پارٽي ڪراچيءَ جي ڀهراڙي وارن علائقن جي ڳوٺن کي بجلي گئس سيوريج لائين، پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، اسڪولن سميت ڳوٺن کي پڪو ڪيو ويو پيپلز پارٽي جي منشور روٽي ڪپڙا ۽ مڪان جي تاري کي مان ڏيندي ڪراچي اولڊ جي پير بخش ڳوٺ غني آباد جي رهواسين کي ڪچي آبادي جي وزير لياقت آسڪاڻي، ڊائريڪٽر جنرل سيد ارشاد عباس ،ريجنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نئي چونڊ ۾ اين اي 242 تي
فارم جمع ڪرائي ڇڏيو آهي:
حاڪم علي جسڪاڻي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر حاڪم علي جسڪاڻي چيو آهي تہ هن ننڍي چونڊ ۾ اين اي 242 تي فارم جمع ڪرائي ڇڏيو آهي اميد تہ پارٽي قيادت مٿن اعتماد ڪندي ٽڪيٽ ڏيندي حاڪم علي جسڪاڻي 16 مارچ تي ٿيندڙ ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ لاءِ اين اي 242 تي چونڊ فارم ڀري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي: پ پ اڳواڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽائون ڪاميٽي جي معذور ملازم جو پگهارن مان ڪٽوتي خلاف احتجاجي مظاهرو

ناجائز پگهارن مان ڪٽوتيون ڪري ظلم ڪري رهيا آهن انصاف جو مطالبو ڪيو ويو

معذور ملازم آهيان ان باوجود بہ روز ڊيوٽي تي پابندي سان پهچندو آهيان: سڪندر چنا

جاٺايل آفيسرن ڪيترائي ملازم پيسن عيوض ويزا تي موڪلي ڇڏيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) ٽائون ڪاميٽي جي معذور ملازم جو پگهارن مان ڪٽوتي خلاف احتجاج آفيسرن ملازمن جو ناجائز پگهارن مان ڪٽوتيون ڪري ظلم ڪري رهيا آهن انصاف جو مطالبو. ناروشاه ٽائون ڪاميٽي جي سينئر ڪلارڪ سڪندر چنا احتجاج ڪندي چيو تہ مان معذور ملازم آهيان ان باوجود بہ روز ڊيوٽي تي پابندي سان پهچندو آهيان پوءِ بہ ايڊ منسٽريٽر حسين بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: راشد مورائي هاءِ اسڪول جي شاگردن جو ٽيلينٽ ڏسڻ لاءِ ڪامپيٽيشن پروگرام منعقد

ڪامپيٽيشن پروگرام ۾ اسڪولي شاگردن ڪلاس رومن کي خوبصورت رنگن سان سينگاريو ويو

پروقار تقريب جو احتمام پڻ ڪيو ويو جنهن جو خاص مهمان اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسان ظفر هو

صحافي علي شير ڏيپر صحافي تيمور احمد راجپوت صحافي سنڌي الطاف سومرو ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) راشد مورائي هائي اسڪول جي شاگردن جو ٽيلينٽ ڏسڻ لاءِ اسڪول جي HM سر راشد مسعود عباسي ۽ ٻين استادن پاران ڪامپيٽيشن پروگرام ڪرايو ڪامپيٽيشن پروگرام ۾ اسڪولي شاگردن ڪلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: هاءِ اسڪول جي شاگردن جو ٽيلينٽ ڏسڻ لاءِ ڪامپيٽيشن پروگرام ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

مانجهند پرسان ڳوٺ
راڄڙي انڊس هاءِ وي تي تيز
رفتار ڪار ڪلٽي

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان ڳوٺ راڄڙي انڊس هاءِ وي تي سيوهڻ کان ڪراچي طرف ويندڙ تيز رفتار ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري وڃڻ جي نتيجي ۾ ڪلٽي ٿي پئي جنهن ۾ عورتن ٻارڙن سميت نصير آباد جي هڪ ئي گهر جا 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ مسمات ريڪا زال عبدالمنان قليوٽو جنت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

قمبر شهدادڪوٽ ۾ بيسڪ ايجوڪيشن ۽ اين سي ايڇ ڊي جا استاد پگهارن کان محروم

تعليم کاتي ۾ ضم ٿيڻ بعد 10 مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور

400 جي لڳ ڀڳ ميل توڙي فيميل استادن کي پگهارون کان محروم رکيو ويو آهي: مظاهرين

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر ٽريزري جي بدلي سبب پگهارون جاري ناهن ٿي سگهيون

ڪراچي (رپورٽر) قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ بيسڪ ايجوڪيشن ۽ اين سي ايڇ ڊي جا استاد تعليم کاتي ۾ ضم ٿيڻ بعد گذريل 10 مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور تعليم کاتي جي لاڳاپيل تعلقہ ايجوڪيشن آفيسرز ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري سميت ٽريزري عملدارن جي ملي ڀڳت سبب مبينا طور رشوت نہ ڏيڻ سبب 400 جي لڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

واره ۾ تعليم کاتي جي نااهلي، اردو بوائز پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم نہ ٿيو

اسڪول جو ايس ايم سي فنڊ بہ گذريل ڏهن سالن کان بدستور بند پيل آهي، اختياريون خاموش

مزدورن جا معصوم ٻچڙا کليل آسمان هيٺ ننڍڻ اس ۾ زمين تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

غريب مسڪين هارين مزدورن جا ٻچڙا هجڻ سبب ڪين بنيادي سهولتن سميت درسي ڪتابن کان محروم

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره ۾ تعليم کاتي جي نااهلي، اردو بوائز پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جو مرمتي ڪم 14 مهينن ۾ بہ مڪمل نہ ٿي سگهيو اسڪول جو ايس ايم سي فنڊ بہ گذريل ڏهن سالن کان بدستور بند پيل. شاگردن کي فرنيچر ۽ درسي ڪتاب بہ نہ ملي سگهيا. ٻي پهچ غريب مسڪين هارين مزدورن جا معصوم ٻچڙا کليل آسمان هيٺ ننڍڻ اس ۾ زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

واره: اسڪولي عمارت جو ڪم مڪمل نہ ٿيڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ نجي بئنڪ عملي جي
روئي خلاف دادو پريس ڪلب
آڏو احتجاجي مظاهرو

دادو(ن سنڌيار)دادو ۾ نجي بئنڪ عملي جي روئي خلاف دادو پريس ڪلب آڏو ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هڻي نجي بئنڪ جي مئنيجر خلاف سخت نعري بازي ڪئي. ان موقعي مسمات علي حسن برهماڻي، غلام حسين لغاري، جامل لغاري، حميرا، نصرت ۽ ٻين چيو تہ اسان جي 70 عورتن کي بو بئنڪ جي مينيجر امتياز گگا لفظ ڳالهائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

واره باا ٿرن طرفان مبينا زرعي زمين تي قبضي خلاف ڳوٺاڻي جو احتجاجي مظاهرو

بااثر منهنجي زرعي زمين تي بااثرن گلبهار پرڙي قبضو ڪرائي ڇڏيو آهي: سڪندر خان

منهنجي ذاتي زرعي زمين تي قبضو ڪرائي تاماڻي چانڊين کي هاريي تي ڏئي ڇڏي آهي

فيصلو نواب ملڪ خان ڪري حوالي ڪئي هن وقت وري منهنجي زمين تي قبضو ڪيو آهي

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره بااثرن طرفان مبينا زرعي زمين تي قبضي خلاف ڳوٺاڻي جو احتجاج پوڙ ۾ لڌو ڪٽي شهر آيو هيٺ پوئٽي منهنجي زرعي زمين تي بااثرن گلبهار پرڙي قبضو ڪرائي ڇڏيو آهي مونکي خطرو آهي ڪٽي مورائي نہ ڇڏي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي مطالبو واره غيبي ديرو لڳ ڳوٺ روشن ٻجيراڻي جي رهواسي سڪندر خان چانڊيو ٻجيراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 08 فيبروري 2023ع

اي پي سي ذريعي سياسي تقسيم ختم ٿيڻ جي اميد

ملڪ هن وقت جن حالتن مان گذري رهيو آهي انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڏ کان وڏ سياسي هم آهنگي ۽ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت آهي. سياسي تقسيم ۽ سماج ۾ موجود اڻ سهپ جو رويو انهن حالتن کي وڌيڪ خراب ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. هڪ طرف سياسي عدم استحڪام آهي ته ٻئي طرف معاشي بحران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۽ انهي دوران دهشتگردي جا ٿيندڙ واقعا حالتون وڌيڪ خراب ڪري رهيا آهن. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب اها سياسي تقسيم آهي جيڪا هن وقت ملڪ ۾ واضح نظر اچي رهي آهي جو سياسي معاملا ته ٺهيو پر ملڪي معاملن تي به سياسي ڌريون هڪٻئي سان گڏ ويهڻ کان ڪيٻائي رهيون آهن ۽ ان جو پيغام سڄي دنيا تائين ڪو مثبت نه پيو وڃي جنهن ڪري آءِ ايم ايف کان وٺي ٻيا مالياتي عالمي ادارا ۽ دوست ملڪ ترت مدد لاءِ اچڻ کان ڪيٻائي رهيا آهن جيستائين سياسي ڌريون ملڪي مفادن لاءِ گڏ نه ويهنديون تيستائين دنيا به مثبت موٽ ڏيڻ کان ڪيٻائيندي رهندي جنهن لاءِ پنهنجي گهر کي ٺيڪ ڪرڻ انتهائي ضروري آهي باقي سياسي معاملن تي اختلاف هلندا رهندا.

پشاور جي پوليس لائين جي مسجد ۾ خودڪش ڌماڪي کانپوءِ وزيراعظم سڀني سياسي پارٽين کي ويهي صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو هو جيڪا پهرين اچ يعني 7 فيبروري تي ٿيڻي هئي. ان اعلان ڪانپوءِ ملڪ جي هڪ وڏي سياسي پارٽي ۽ مخالف ڌر پي ٽي آءِ يڪدم انهي ۾ شرڪت کان انڪار ڪري ڇڏيو هو جنهن سان نظر اچي رهيو هو ته سياسي تقسيم ڪنهن حد تائين وڌي وئي آهي جو دهشتگردي جهڙي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ به اسان گڏ ويهڻ لاءِ تيار ناهيون جنهن تي پي ٽي آءِ تي تنقيد به ٿي ته هو ملڪي مسئلن تي به پنهنجي سياسي مفادن کي ترجيح ڏئي رهي آهي. پر پوءِ پي ٽي آءِ جو به وچٿرو موقف آيو ته حڪومت جي رويئي کي ڏسي فيصلو ڪيو ويندو ته ان اي پي سي ۾ شرڪت ڪجي يا نه. هڪ طرف اسان تي ڪيس ڪيا پيا وڃن ته اسان انهن سان گڏ ڪيئن ٿا ويهي سگهون؟ هاڻي وفاقي حڪومت انهي اي پي سي جي تاريخ تبديل ڪري ڇڏي آهي ۽ اها هاڻي 9 فيبروري تي ٿيندي جنهن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ جي اڳواڻ فواد چوڌري جو به بيان آيو آهي ته جيڪڏهن دعوت ملي ته اي پي سي ۾ شرڪت ڪنداسين جنهن جو مطلب ته هن اهم قومي اشو تي ڌرين پنهنجي پنهنجي رويئي تي نظر ثاني ڪئي آهي جيڪا بهرحال هڪ بهتر ڳالهه ۽ مثبت پيشرفت آهي. پي ٽي آءِ شرڪت جو مثبت اشارو ڏنو آهي ته حڪومت به انهن سان رابطي لاءِ تاريخ وڌائي ڇڏي آهي. چاڪاڻ ته اڳ ۾ مخالف ڌر حڪومت تي انتقامي ڪارروايون سان گڏ اهو به الزام هڻي رهي هئي ته انهن باضابطا دعوت نه ڏني آهي رڳو زباني ڪلامي چيو ويو آهي جڏهن هاڻي حڪومت تاريخ تبديل ڪئي آهي ته انهي مان اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته حڪومت مخالف ڌر جي اها ميار به ختم ڪري ڪي وزير مخالف ڌر جي اڳواڻن سان ملاقات لاءِ موڪلي ڪين باضابطا دعوت ڏيندي ته جيئن هن اهم مسئلي تي ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ ملڪ جون سڀ سياسي ڌريون هڪ راءِ جوڙڻ لاءِ گڏجي ويهن.

اسان سمجهون ٿا ته اي پي سي ڪوٺائڻ جي اعلان کان اڳ ئي حڪومت سڀني سياسي ڌرين سان رابطا ڪري اهڙو ماحول ناهي ها جنهن سان اهو تاثر پيدا نه ٿئي ها ته ڪو هن اهم مسئلي تي به ڌريون گڏ ويهڻ لاءِ تيار ناهن يا سياسي تقسيم ايتري ٿي چڪي آهي جو ان کي قومي مسئلن تي استعمال ڪرڻ کان به پاسو نه پيو ڪيو وڃي. اها ذميواري حڪومت تي وڌيڪ لاڳو ٿئي ٿي چاڪاڻ ته اها ئي ملڪي مسئلن تي سڀني ڌرين کي گڏ ڪٺي هلڻ جو بندوبست ڪري سگهي ٿي. بهرحال "دير يد درست آيد" واري چوڻي مطابق جيڪڏهن ڌرين کي احساس ٿي ويو آهي ۽ انهن پنهنجي روين تي نظرثاني شروع ڪئي آهي ته هاڻي اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته 9 فيبروري تي رٿيل اي پي سي سٺي ماحول ۾ ٿيندي ۽ ملڪ ۾ سياسي تقسيم کي گهٽائڻ ۾ مددگار ٿيندي.

سنڌ جي سامونڊي پٽي کي ترقياتي رٿابندي گهرجي

نصير ميمڻ

اسلام آباد ۾ مان ميٽ ۾ نهايت اورچائي سان صحافت ڪندڙ ايم بي سومري به ڏينهن اڳ روزاني پنهنجي اخبار ۾ ڇپيل قومي اسيمبلي ۾ بل بابت هڪ خبروندڻ ۽ گڏ بل جي ڊجيٽل ڪاپي به موڪلي ڏني. پاڪستان ميري ٽائيم زون ايڪٽ 2023ع واري هن بل جي پڇاڙي ۾ اڳوڻي پي ٽي آئي حڪومت جي وزير پرويز خٽڪ جي صحي ٿيل آهي. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته هن بل کي پاس ڪرائيندڙ ميمبرن مان ڪنهن به بل کي ڌيان سان نه پڙهيو هو نه ته گهٽ ۾ گهٽ اها درستي ته ڪرائي پئي سگهيا. اها ڪا اهڙي اچرج جهڙي ڳالهه ناهي چو ته اسان وٽ بنا پڙهڻ جي قانون، پاليسين، ٺهرائن توڙي بجيٽن جي منظوري ڏيڻ رواجي ڳالهه آهي. هونئن به اهي دستاويز جنهن قسم جي قانوني ٻولي ۽ اوکي انگريزي ۾ لکيل هوندا آهن، انهن کي اڪثر ميمبر ته پڙهي سمجهي نه سگهندا.

هونئن ته هي بل پاڪستان جي سامونڊي حدن ۽ انهن جي اندر ٿيندڙ چرپر ۽ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل معاملن بابت آهي ۽ ان ۾ ڪا اعتراض جوڳي ڳالهه ناهي لکيل پر ويجهڙ ۾ سنڌ جي سامونڊي ڪناري تي موجود ٻن ٻيٽن متان وفاقي ادارن ۽ وفاقي سرڪار پاران مالڪي جي حق جي دعويٰ ورجائڻ جي نتيجي ۾ جنهن تڪرار ڪر ڪنيو هو، اخباري هيڊلائين ۾ به ان جو ذڪر ڪيل آهي.

بل موجب ملڪ جي سامونڊي ڪناري کان وٺي ڪانٽينينٽل شيلف جي 350 سامونڊي ميلن تائين ملڪي حدن ۾ ايندڙ سمنڊ کي مختلف زونز ۾ ورهايو ويو آهي. ياد رهي ته سامونڊي ميل سڪي واري ميل جي 1609 ميٽرن جي ڀيٽ ۾ ٿورو وڏو يعني 1852 ميٽر ڊيگهه جو هوندو آهي.

سمنڊ اندر پاڻي جي انهن زونز جو ذڪر اونهي سمنڊ ۾ ماهيگيري واري پاليسي (ڊيپ سي فشنگ پاليسي) 2018ع ۾ به موجود آهي. ان پاليسي جي شق ۾ ماهيگيري جي زونز واري ڀاڱي ۾ زون-1 لاءِ 12 سامونڊي ميلن تائين واري زون کي صوبائي حڪومتن جي حد ڄاڻايو ويو آهي. ان پاليسي ۾ صوبن سان گڏ چٽن لفظن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان به ڄاڻايل آهي.

ان زون کي هن ايڪٽ ۾ Territorial sea ڄاڻايو ويو آهي البته ان قانون ۾ اهڙو ذڪر ڪٿي به ناهي ڪيو ويو ته 12 سامونڊي ميلن واري ان حد تائين صوبائي حڪومتن جي مالڪي، ضابطا، قانون لاڳو ٿيندا. هونئن ته اتي اهو به ناهي لکيل ته ان حد اندر وفاقي حڪومت جا قانون ضابطا لاڳو ٿيندا پر اها اڻ چٽائي نه ڇڏڻ گهربي هئي. اڳتي هلي شق نمبر 10 ۾ حفاظتي زونز جو ذڪر آهي ان شق ۾ ڄاڻايل آهي ته انهن سمورين زونز جي اندر وفاقي حڪومت هٿرادو ٻيٽن، ٽرمينلن، تنصيبات، اڏاوتن ۽ اوزارن جي لڳائڻ ۽ سنڀالڻ واري مقصد لاءِ حفاظتي زونز ناهي سگهي ٿي. ان شق ۾ 12 سامونڊي ميلن جي حد يعني Territorial waters جو به حوالو ڏنل آهي. انهن حدن اندر جيئن ته پرڏيهي سامونڊي ٻيڙن جي چرپر رهي ٿي تنهنڪري انهن جي حفاظتي معاملن جو ذڪر سمجهه ۾ اچڻ واري ڳالهه آهي. البته اتي به اهڙو ڪو ذڪر ناهي ته اهو علائقو جيئن ته صوبائي حڪومت جي حدن اندر اچي ٿو تنهنڪري ان جو به انهن معاملن ۾ ڪو ڪردار هوندو.

انهي سموري اڻ چٽائي سبب مختلف موقعن تي سنڌ جي سامونڊي حدن اندر موجوده وسيلن جهڙوڪ ٻيٽن جي مالڪي جا سوال اٿندا رهن ٿا. سامونڊي معاملا مجموعي طور وفاقي حڪومت جي اختيار هيٺ آهن. تنهنڪري اها قانون سازي آئين مطابق غلط ناهي، جيئن ته هڪ وفاقي پاليسي هيٺ 12 سامونڊي ميلن اندر صوبي جو حق مڃيل آهي. تنهنڪري بهتر اهو ٿيندو ته وفاقي حڪومت ۽ ادارن پاران ٻيٽن بابت لڳاتار دعوائن جو مستقل حل ڪڍڻ لاءِ سنڌ سرڪار سامونڊي حدن اندر صوبائي مالڪي بابت پاڻ قانون سازي ڪري. 12 ميلن جي حدن اندر جيئن ته ماهيگيري جو حق مقامي مهاڻن کي مليل آهي، تنهنڪري انهن ٻيٽن کي ماهيگيرن جي ترقي لاءِ به استعمال ڪرڻ گهرجي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته صوبائي سامونڊي حدن اندر ايندڙ علائقي جو جامع نقشو تيار ڪرائي اتي موجوده قدرتي وسيلن جي فهرست تيار ڪرائي. انهن علائقن ۾ موجود تمر جا ٻيلا، سڪا پٽ/ ٻيٽ مڇي جا نسل، ماهيگيري جا ٻيا وسيلا، پاڻي جو معيار، مڇين جي چرپر جا رستا، مختلف موسمن ۾ ايندڙ پکي پکڻ، سامونڊي نباتات ۽ هر طرح جي جيوت، انساني آبادي، ساحلي پٽي جي گذر سفر جو ان علائقي تي دارومدار، ماهيگيرن جا لنگهه وغيره سڀ ڪجهه دستاويز شڪل ۾ محفوظ ڪرايو وڃي. ساڳي طرح صوبائي حدن اندر سنڌ حڪومت کي پنهنجي انتظامي موجودگي به رکڻ گهرجي. ڪراچي جي صنعت کي پابند ڪيو وڃي ته ان علائقي ۾ بنا صفائي جي صنعتي پاڻيءَ يا نهرو مادو نه اڇليو وڃي. ان ڏس ۾ صوبي جو ماحولياتي قانون چٽي رهنمائي مهيا ڪري ٿو.

ساڳي طرح ايڏي ڏگهي ساحلي پٽي اندر 12 سامونڊي ميلن تائين واري وسيع علائقي کي خالي پٽي رکڻ بجاءِ ان علائقي جي ترقي لاءِ جامع رٿابندي ڪئي وڃي. ڏنگي ۽ ٻنداڙ ٻيٽن تي هر دور ۾ وفاقي حڪومت جو ڪو نه ڪو ادارو والار لاءِ سنپريو بيٺو هوندو آهي، ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي جو سنڌ سرڪار پاڻ انهن ٻيٽن لاءِ ڪا به رٿابندي نه ٿي ڪري. انهن ٻيٽن کي قدرتي وسيلن جي تحفظ ۽ مقامي ماهيگيرن جي گذر سفر واري ماڳ طور ترقي ڏيارجي ته اهو بحث هميشه لاءِ بند ٿي ويندو انهن ٻيٽن جيان سنڌ جي ساحلي ۽ سامونڊي حدن اندر سموري علائقي لاءِ قدرتي ماحول جي تحفظ، مقامي آبادي جي ترقي صنعتي ترقي جو گهڻ پاسائون پلان تيار ڪرائي اتي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ هيٺ ڏهن سالن جو ترقياتي منصوبو تيار ڪرائڻ گهرجي. ان علائقي ۾ پورٽ شپنگ جي ضرورتن ۽ تحفظ جي ذميواري وفاقي حڪومت وٽ هجي، ان کان سواءِ سمورا معاملا صوبائي حڪومت وٽ هجڻ گهرجن. ان طرح سنڌ حڪومت پنهنجي سامونڊي علائقي کي قدرتي وسيلن جي تحفظ سان گڏ سياحت، ڪاروبار ۽ صنعت لاءِ سڙڀڪاري وسيلي سنڌ جي معاشي ترقي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي. ان سان ڪراچي جي مرڪز کان ٻاهر وارن علائقن ۾ آبادين کي به ترقي جا موقعا ملي سگهندا، جيڪي شهر کان ڏاڍو ڪو سال پنتي نظر اچن ٿا.

هر ڀيري وفاقي مداخلت کانپوءِ رد عمل ڏيکارڻ ۽ سياسي اڻ تڻ وارو ماحول پيدا ڪرڻ کان بهتر ٿيندو ته سنڌ حڪومت پنهنجي سامونڊي علائقي جي مالڪي ڪرڻ لاءِ ڪي عملي اڳيرايون ڪري. هن وقت شروعاتي طور 12 سامونڊي ميلن واري حد لاءِ ڪا رٿابندي ۽ عملي ڪم جي شروعات ڪرڻ سان اڳتي هلي سنڌ کي خصوصي معاشي زون ۽ ڪانٽينينٽل شيلف (Continental shelf) تي به پنهنجي مالڪي ڪرڻ لاءِ دليل ملي ويندي. 350 ميلن تائين سمنڊ اندر اهو علائقو اونهي سمنڊ واري ماهيگيري کي ترقي ڏيارڻ سان سنڌ لاءِ ڪروڙين ڊالرن جي معيشت پيدا ڪري سگهي ٿو.

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اوشيانو گرافي موجب هن وقت پاڪستان جي مجموعي سامونڊي علائقي جي پکيڙ 2 لک 90 هزار چورس ڪلو ميٽرن تائين آهي. جيئن ته پاڪستان جي ساحلي پٽي جو لڳ ڀڳ 24 سيڪڙو سنڌ جي حدن ۾ اچي ٿو ته ان جي معني ته سنڌ جو مجموعي سامونڊي علائقو لڳ ڀڳ 70 هزار چورس ڪلو ميٽر بيهندو. اها پکيڙ سنڌ جي سڪي واري پکيڙ جي اڌ جيتري بيهي ٿي ان ايڏي وڏي ايراضي جي معيشت تي ڪا سيڙپڪاري ٿئي ته سنڌ ۾ هڪ معاشي انقلاب برپا ٿي سگهي ٿو ڊگهي مدي ۾ ان منزل تائين پهچڻ لاءِ هڪ جامع ترقياتي رٿابندي ۽ سنڌ جي ساحلي/ سامونڊي پٽي جو ماسٽر پلان ٺاهڻ جي ضرورت آهي.

پتنگ چائين پاڻ کي، ته اچي آڳِ اُجهاءِ
پَچَڻ گهڻا پَچائيا، تون پَچَڻ کي پَچاءِ
واقُف ٿِي وِساءِ، آڳِ نه ڏِجي عامَ کي.

جيل ڀريو تحريڪ ، هڪ نئون ڊرامو ته ناهي ؟

حاڪم نصيراڻي

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هڪ سياسي ڪارڪن لاءِ جيل وڃڻ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي جيل جون اذيتون نظرين جي ڪاميابي جي حصي ۾ اچن ٿيون. دنيا جا عظيم اڳواڻ هٿڪڙين کي زيور سمجهندا رهيا آهن جيل سندن ٻيو گهر هوندو هو پر جيل لفظ ٻڌندي مون جهڙن ماڻهن جا لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن جيل جو تصور ئي ڪمزور دل انسان کي اڌ مئو ڪري ڇڏي ٿو جيل ۾ وڃڻ وارن کي سلو به ناهي سمجهيو ويندو هر ماڻهو جي ڪوشش هوندي آهي ته جيل کان ٻاهر ئي مسئلن کي سلجهايو وڃي. سياست هڪ داءُ آهي جنهن سياستدان جو وقت تي داءُ لڳي وڃي اهو يڪدم زيرو کان هيرو ٿي وڃي ٿو. ڪجهه ليڊر عوام ۾ مقبول ٿي ويندا آهن ڪن کي وري عوام ۾ مقبول ڪيو ويندو آهي ڪي وري پنهنجي گفتار جي ڪري پاڻ کي زوري مقبول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. موجوده دور ڪي ميڊيا جو دور سمجهيو وڃي ٿو ميڊيا جنهن کي چاهي ان کي آسمان تي پهچائي جنهن کان ناراض ٿئي اهو پٽ تي اچي وڃي. پاڪستاني سياست ۾ عمران خان واحد ماڻهو آهي جيڪو پاڻ کي مختلف هٿڪنڊن ذريعي زنده رکڻ جو هنر ڄاڻي ٿو ميڊيا ۾ ڪٿين زنده رهجي اهو ته خان صاحب جي ڪٻي هٽ جو ڪم آهي. خان صاحب پنهنجي ڳالهين تي بيهڻ وارو ته ناهي تنهن هوندي به سندس اعلان تي چرچا زبان عام ٿي ويندا.

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ جو اعلان ڪري ملڪ ۾ بحث لاءِ نئون موضوع ڏيئي ڇڏيو نئنڍا وڏا اڪابران بحث ۾ لڳي ويا اخبارن ليڊ ۽ سپرليڊ ڪري خبرون ڇاپي ڇڏيون. آفيسن هوٽلن تفريحي ماڳن توڙي عام ملاقاتن ۾ هر زبان تي اهو موضوع زير بحث رهيو.

جيل ڀريو تحريڪ ڪا عام تحريڪ ناهي هن تحريڪ جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي. قومون جڏهن جدوجهد ڪري ٿڪجي پونديون هيون تڏهن جيل ڀريون تحريڪ جي شروعات ڪئي ويندي هئي جيئن دنيا جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائجي. جيل ڀريو تحريڪ جي شروعات اڳواڻ پنهنجي گرفتاري ڏيئي ڪندا هئا ان کان پوءِ هزارن جي تعداد ۾ ڪارڪن جيلن جو رخ ڪندا هئا نتيجو اهو نڪرندو هو جو گرفتار ٿيڻ وارا جيلن ڏانهن وڌندا هئا حڪومت جان ڇڏائڻ لاءِ ايلاز ڪندي رهندي هئي.

جيل ڀريو تحريڪ ڪنهن به پارٽي جو سڀ کان وڏو هٿيار هوندو آهي چو ته اهڙي اعلان کان پوءِ ڪنهن به پارٽي جي بقا جو مسئلو آهي.

هن وقت جي سياسي سماجي ۽ معاشي حالتن کي نظر ۾ رکندي خان صاحب جي جيل ڀريو تحريڪ جي اعلان کي ڏسجي ته اهو ڪنهن لطيفي کان گهٽ نه لڳندو. خان صاحب جي پارٽي جي ڪارڪنن يا اڳواڻن تي نظر گهمائجي ته ڪجهه ماڻهن کي ڇڏي باقي سڀ عام نعري باز، سوشل ميڊيا جا جوڌا جوان يا وري ڪم ڪار کان بيخبر ابي جي پيسي تي پلڻ وارن نوجوان نظر ايندا جن کي ڪڏهن به ڪو سو واءُ نه لڳو جيل جون سختيون ليڊر پيدا ڪنديون آهن جيل سياستدانن جي بقا جي ضامن ليکي ويندي آهي جيل جي تارچر سيلن مان سياستدان توڙي ڪارڪن هيرا ٿي نڪرندا آهن. خان صاحب جي ڪارڪن هميشه ڊرڻ جا مزا ورتا. عطاءالله خان ۽ سلمان احمد جهڙن فنڪارن جي عمراني تعريفن تي ٻڌل گانن تي نچندي ڏٺو ويو آهي اهڙن ڪارڪنن لاءِ جيل ڀريو تحريڪ بلڪل ئي نئين ڳالهه آهي. هاڻي ڏسجي ته خان صاحب جي پارٽي جا اڳواڻ توڙي ڪارڪن جيل ڀريو تحريڪ ۾ حصو وٺن ٿا يا وري ڪلٽي کان پارٽي بدلائن ٿا. خان صاحب وٽ موجود اڳواڻن کي ڏسجي ته انهن ۾ اڪثريت انهن جي آهي جيڪي نيب، ايف آءِ اي يا اينٽي ڪرپشن جي جيلن کان بچڻ ڪاڻ سندس ٽولي ۾ شامل ٿيا. جيل ۾ وڃڻ وارن جو تعلق نظرياتي ماڻهن سان هجي ٿو جيڪي پنهنجي نظريي جي بقا لاءِ سختيون ته پنهنجي جاءِ تي زندگي جي پرواهه به ناهن ڪندا ۽ ساهه جي آخري سگهي ٽٽڻ تائين پنهنجي نظريي جي بقا لاءِ جنگ جوٽي بيهندا آهن. بدقسمتي سان هر دور ۾ مفاد پرستن جي به ڪا ڪمي ناهي رهي جيڪي انفرادي مفادن کي نظر ۾ رکندي اجتماعي مفادن واري نظريي کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. ڪيترائي اهڙا رهنما ٿي گذريا جن کي دنيا سلام پيش ڪري ٿي پر مان ذاتي طور تي روهلو ڪولهي، ساٿين ۽ ڀڳت سنگهه کي هيس جي بنسبت وڌيڪ عزت جي نگاهه سان ڏسان ٿو چو ته انهن اڳواڻن آخري دم تائين پنهنجي نظريي سان سچائي ڏيکاري ۽ ته برابر به پوئتي نه هٽيا.

خان صاحب جيل ڀريو تحريڪ جي اعلان کان پوءِ پنهنجي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن کي وڏي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڪجهه وقت اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن شهباز گل گرفتار ٿيو هو ته ڪيس ماسڪ پهرائي ڪورٽ ۾ آندو ويو حراست دوران هن سان مبينا طور چا ٿيو؟ ان جو ذڪر عمران خان پاڻ ڪري چڪو آهي اعظم سواتي جا گوڙها ڳاڙهه به ڪنهن کان وسريا ناهن فواد چوڌري ۽ شيخ رشيد پاڻ سان ٿيندڙ ويڌن جو ذڪر ڪري رهيا آهن اهڙي قصن کان پوءِ به ڇا خان جو ٽائيگر جيل وڃڻ جي حامي ڀريندو يا نه؟ هن وقت جڏهن ماڻهو ٻن ويلن جي ماني گهڻي لاءِ پريشان آهن ان صورت ۾ جيل ڀريو تحريڪ جو اعلان ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر آهي. عوام مهانگائي ۽ بيروزگاري جي ڪري تنگ آهي اهڙي صورت ۾ ٻارن ٻچن کي ڇڏي جيل وڃڻ تمام وڏي ڳالهه آهي.

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته خان صاحب پنهنجي امڪاني نااهلي ۽ گرفتاري کي ڏسندي جيل ڀريو تحريڪ جو اعلان ڪيو آهي جيئن سڄي سنگت جيل ۾ سندس تقريرون ٻڌي. باقي ٽيريان وارو معاملو به سندس ڳچي ۾ ٻيل آهي هاڻي جيڪڏهن خان صاحب اليڪشن وڙهي ٿو ۽ پنهنجي اثاثن ۾ ڌيءَ جو ذڪر نه ٿو ڪري ته آمريڪي عدالت جو فيصلو سندس ڳچي ۾ پوندو جيڪڏهن هاڻي ڌيءَ جو اعتراف ڪري ٿو ته سندس صادق ۽ امين وارو لقب مٽي ۾ ملي ويندو.

01 بقايا

آٽا پوندا ۽ ٻڌاڻو پوندو ته اها رقم ڪٿان ايندي. ذريعن موجب پاڪستان کي درآمدن تي پابنديون فوري طور ختم ڪرڻيون پونديون، اپل سيز کولڻ لاءِ 4 ارب ڊالر فوري طور فراهم ڪرڻا پوندا، بجيٽ خسارو گهٽ ڪرڻ لاءِ 600 ارب رپين کان وڌيڪ خرچ گهٽ ڪرڻ جا قدم کڻڻا پوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان طرفان ترقياتي بجيٽ تي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ جي ڪٽوتي جي تياري ڪئي پئي وڃي. جنهن تحت ترقياتي بجيٽ 727 بدران 400 ارب رپين تائين، جڏهن ته غير ترقياتي خرچن ۾ به وڌي گهٽتائي آندي ويندي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف سان غير ضروري منصوبن جي فنڊنگ روڪڻ تي به ڳالهه ٻولهه ٿيندي. جڏهن ته هلندڙ مالي سال بجيٽ سان سبسڊي جاري ڪرڻ ۾ ذڪر جوڳي گهٽتائي تي گفتگو ٿيندي، سبسڊي گهٽ ڪرڻ تي بجلي ۽ گئس جا ريٽ تقريبن 50 سيڪڙو وڌائڻا پوندا. سڀني ترقياتي منصوبن جي مرحلي وار مانيٽرنگ ويب سائيٽ تي پبلڪ ڪئي ويندي، نجڪاري پروگرام فعال بڻائي رياستي ملڪيتي ادارن کي فعال يا وڪرو ڪرڻ جي حڪمت عملي طئي ٿيندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته احتساب جو عمل اثرائتو ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ قانون سازي بحث هيٺ ايندي، پرڏيهي ملڪن کان قرض وٺڻ ۽ واپس ڪرڻ جي نئين پاليسي طئي ٿيندي. گردشي قرض جي ادائيگي لاءِ بنيادي ڍانچي جي جوڙجڪ تي ڳالهيون ٿينديون.

02 بقايا

گهرڀاتين جي لاءِ صبر جميل ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. وفاقي ڪابينا وڀار واري وفاقي وزير سيد نويد قمر جي پيٽوبي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فاتح خواني ڪئي. وزيراعظم ڪابينا کي زلزلي جي فوري پوءِ ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان سان پنهنجي ٽيليفونڪ رابطي بابت ٻڌايو جنهن ۾ هن زلزلي سان ٿيندڙ تباهي تي گهري افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ترڪيه جي حڪومت ۽ عوام سان پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ ترڪيه هڪ جان ٻه دل آهن. ترڪيه 2022ع جي تاريخي ٻوڏ ۾ پنهنجي پاڪستاني ڀائرن جي مدد ۾ سڀ کان تيڳ رهيو هن چيو ته پاڪستاني قوم پنهنجي ترڪ ڀينرن ڀائرن کي مصيبت جي هن گهڙيءَ ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي، اٿون پاڻ سياڻي زلزلي سٽيل علائقن جي دوري جي لاءِ ترڪيه روانو ٿي رهيو آهيان. وزيراعظم چيو ته پي آءِ اي ۽ پاڪستان ايئرفورس جون اڏامون ريسڪيو ٽيمون ۽ امدادي سامان کڻي ترڪيه روانيون ٿي چڪيون آهن. ريسڪيو اهلڪارن ڪانسواءِ ڊاڪٽرز ۽ پيراميڊڪس پڻ امدادي ٽيمن ۾ شامل آهن جڏهن ته وڌيڪ امدادي سامان جي پهچ جاري رهندي. وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪ ۾ زلزلي سٽيلن جي امداد جي لاءِ هڪ ريليف فنڊ قائم ڪرڻ جي هدايت ڪندي سمورن پاڪستانين کي ان فنڊ ۾ وڌ چڙهي حصو وٺڻ جي اپيل ڪئي. وڌيڪ اهو ته وزيراعظم ڪاروباري ماڻهن ۽ سرندڙن وارن کي پڻ اپيل ڪئي ته اهي ان ريليف فنڊ ۾ عطيا ڏين. وفاقي ڪابينا متفق طور تي ترڪيه جي زلزلي سٽيلن جي لاءِ پنهنجي هڪ مهيني جي پگهار بطور عطيو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته وفاقي حڪومت جي گريڊ 18 کان گريڊ 22 جي آفيسرن جي هڪ ڏينهن جي پگهار ترڪيه جي زلزلي سٽيلن جي لاءِ قائم ريليف فنڊ ۾ بطور عطيو ڏني ويندي. وزيراعظم چيو ته مون سميت پوري پاڪستاني قوم ان افسوسناڪ قدرتي آفت ۾ ترڪيه ۽ شام جي عوام سان گڏ بيٺل آهي. پاڪستان پاران انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي. وفاقي ڪابينا نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي صدر جي مقرري جي عمل کي نئين سر شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني. ڪابينا ان عمل کي فوري بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي. وفاقي ڪابينا گهرو وزارت پاران موڪليل ڪريمنل لاز/ قانون فوجداري (ترميمي) بل 2023ع جي حوالي سان هڪ ڪابينا ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي جيڪا بل جي مسودي جو غور سان جائزو وٺي پنهنجي رپورٽ ڪابينا جي ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪندي. ڪميٽي ۾ وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله، قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير سردار اياز صادق ۽ وفاقي ڪابينا ۾ موجود سمورين اتحادي پارٽين جا نمائندا شامل هوندا.

03 بقايا

نقصان ٿيو آهي. سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام ڏکئي وقت ۾ متاثرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿي. گڏيل ڏينهن سنڌ ڪابينا پنهنجي اجلاس ۾ زلزلي ۾ انساني جانين ۽ ملڪيتن جي نقصان تي پنهنجي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ۽ فوري طور تي زلزلي متاثرن جي امداد لاءِ 1 لک خيما ترڪيه روانو ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي. صوبائي وزير پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته زلزلي سبب ٿيل تباهي تي دنيا جو هر دردمند انسان ڏک ۾ ورتل آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستاني قوم ۽ حڪومت مشڪل جي هن گهڙي ۾ پنهنجي ترڪ ڀائرن کي پنهنجي هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياري ٿي. صوبائي وزير چيو ته ترڪيه حڪومت ۽ عوام هر ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جي عوام جي مدد ڪئي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي امداد ۾ ترڪيه جي حڪومت ۽ ترڪ عوام بي پناهه سهڪار ڪيو. سنڌ جي اطلاعات واري وزير زلزلي ۾ فوت ٿيل جي خاندانن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو آهي ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي آهي.

04 بقايا

جيل ڀريو تحريڪ عدالتن کان ڇوٽ وٺڻ جي تحريڪ ۾ بدلجي وئي آهي. عطاءالله تارڙ چيو ته ٽيريان ڪيس ۾ عمران خان عدالتي اختيار کي چيلنج ڪري ڇڏيو آهي هو جيترا تاريخي حربا استعمال ڪندو اوترو وڌيڪ ڦاسندو. ڪيس ڌيءَ ٽيريان ۽ توشه خانه ڪيس جو جواب ڏيڻو پوندو. وزيراعظم جي صلاحڪار چيو ته عثمان بزدار کي صرف پئسا ڪمائڻ جي لاءِ پنجاب جو وڏو وزير مقرر ڪيو ويو هن گهڙيون ۽ هار به نه ڇڏيا. پنجاب جا اڳوڻو وڏو وزير مقررين ۽ بدلين تي به رشوت وٺندو هو احسن جميل گجر کان اسان به ڪيترن ماڻهن جي سفارش ڪئي آهي. منهنجو نئيو ۾ پاڻ احسن جميل گجر وٽ سفارش جي لاءِ ويو آهي. عطاءالله تارڙ چيو ته محمد انوارالحق ولد عطا محمد فرح گوگي جي اڪائونٽ ۾ 754 بينڪ ٽرانزيڪشن ذريعي 86 ڪروڙ 29 لک رپيا جمع ڪرايا آهن. اهڙي طرح فيصل مسيح، احمد منصور ۽ نواز به آهن جنهن 3 سال دوران گڏيل طور تي 959 ٽرانزيڪشن ۾ هڪ ارب 60 ڪروڙ رپيا روڪ جمع ڪرايا آهن. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ڪوبه اهڙو ڪاروبار ٻڌايو جنهن ۾ ڪا بينڪ ٽرانزيڪشن، ڪراس چيڪ، مني آرڊر يا پي آرڊر ناهي، صرف روڪ رقم جمع ڪرائي وئي آهي. فرح گوگي کي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي فرار ڪرايو آهي. 23 ڪروڙ رپيين جي اثاثن جي مالڪياڻي فرح گوگي 3 سالن دوران هڪ ارب 60 ڪروڙ رپيه ڪيئن ڪمائي ورتي ٿي. عطاءالله تارڙ چيو ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بي فرح گوگي جا حصيدار هئا. عمران خان جي نڪاح ۾ فرح گوگي گواهه آهي. هو پاڪستان چونتي اچي، هو پاڪستان اچي نيب ۽ ايف آءِ اي جي ڪيسن کي منهن ڏئي. عمران نيازي 2019 ۾ فرح گوگي ۽ سندس مڙس کي ايمنسٽي اسڪيم ذريعي فائدو پهچايو هن چيو ته جيڪڏهن عمران خان ڪرپشن ناهي ڪئي ته فرح گوگي کي واپس آڻي پرائين نه ٿيندو چو ته فرح گوگي جيڪڏهن واپس آئي ته سڀ ڪجهه ظاهر ٿي ويندو ۽ فرح عمران خان لاءِ وڏو مسئلو بڻجي ويندي.

05 بقايا

اعزاز سان دفنايو ويو. جنرل (ر) پرويز مشرف جي جنازي نماز ۾ پولو گرائونڊ ملير ڪينٽ ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد، اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا ۽ جنرل رٽائرڊ اشفاق پرويز ڪياني شرڪت ڪئي. جنازي نماز ۾ ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي، مصطفيٰ ڪمال، فاروق ستار ۽ فروغ نسيم سميت ٻيا به شريڪ ٿيا. پوءِ پرويز مشرف جي آرمي قبرستان ۾ فوجي اعزاز سان تدفين ڪئي وئي.

06 بقايا

ڀيرو عوام رجيم چينج کي قبول نه ڪيو هن چيو ته پنجاب ۾ اهڙن ماڻهن کي آندو پيو وڃي. جيڪي 25 مئي جي واقعن ۾ ملوث هئا. اليڪشن ٽولڳي ته چونڊن ۾ ڏانڌلي ٿيندي. سندس چوڻ هو ته اهڙيون انتقامي ڪارروايون اڳ ڪڏهن نه ڏٺيون. چڻ ته هاڻ ۽ جنرل باجوا جي پاليسي هلي رهي آهي. جنرل باجوا لانگ ڪري حسين حقاني ۽ ٻين ماڻهن کي رکرايو. اهي ماڻهو آمريڪا ۾ منهنجي خلاف لابنگ ڪري رهيا هئا. مجان ٿو ته باجوا کي واڌ ڏيڻ وڏي غلطي هئي. عمران خان چيو ته اسان دهشتگردي کي برداشت نٿا ڪري سگهون. افغان طالبان پاڪستان مخالف ناهن. هن وڌيڪ چيو ته نواز شريف مون کي نااهل ڪرائڻ چاهي ٿو. قانون جي عملداري سان ملڪ اڳتي ويندي. ڪير ٻڌائيندو ته ڊالر ۽ پيٽرول چو مهانگو ٿي رهيو آهي؟

07 بقايا

گڏجي ڀيهر دهشتگردي جو مقابلو ڪندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ليڊي ريڊنگ اسپتال پشاور ۾ پوليس لائينز ڌماڪي جي زخمين جي عيادت جي موقعي تي ڳالهائيندي ڪيو. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر ڌماڪي جي زخمين جي احوال بابت طبي عملي ۽ انتظاميا سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن زخمين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي انهن جي جلد صحتيابي جي دعا ڪئي. هن ڌماڪي ۾ ٻچي ويندڙ واحد عورت زخمي جي به عيادت ڪئي ۽ واقعي ۾ عورت جي خاندان جي ماڻهن جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو. صدر زخمين کي ملندڙ طبي امداد تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پوليس ڌماڪو هڪ تڪليف ڏيندڙ ۽ ڪٺور واقعو هو هن چيو ته دهشتگردي جو ملڪ ۾ مڪمل خاتمو آڻينداسين ۽ حڪومت، فوج ۽ عوام گڏجي ڀيهر دهشتگردي جو مقابلو ڪندا. هن جو چوڻ هو ته منهنجي اچڻ ۾ دير جو سبب امدادي سرگرمين ۾ خلل جو سبب نه بڻجڻ آهي. ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ شهيدن جي گهرڀاتين سان گڏ آهيون ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيان. صدر چيو ته حڪومت، انتظاميا ۽ ليڊي ريڊنگ اسپتال پاران زخمين کي بهترين طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. جن ماڻهن ڌماڪي ۾ پنهنجي پيارن کي وڃايو انهن جي نقصان جو ازالو نه ٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته حڪومت پاران شهيدن جي پونئرن ۽ زخمين جي لاءِ امداد خوش آئنده آهي.

08 بقايا

توهين جرڳو مواد نه هٽائڻ تي پاڪستان ۾ بلاڪ ڪيو ويو هو. گڏيل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف وڪي پيڊيا کي بحال ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. وزيراعظم آءِ ٽي واري وزير جي سربراهي ۾ 5 رڪني ڪميٽي به جوڙي آهي. جيڪا هڪ هفتي ۾ وفاقي ڪابينا کي معاملي تي سفارشون پيش ڪندي.

09 بقايا

سان ملاقات ڪري زلزلي سبب ٿيل جاني نقصان تي همدردي ۽ ڏک جو اظهار ڪندو. وزيراعظم ترڪيه جي عوام سان به يڪجهتي جو اظهار ڪندو. جڏهن ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري به وزيراعظم سان گڏ ترڪي روانو ٿيندو مريم اورنگزيب چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي ترڪيه جي ٻن ڏينهن جي دوري جي سبب

خميس 8 فيبروري تي گهرايل اي پي سي ملتوي ڪئي وئي آهي. اتحادين سان مشاورت کان پوءِ نئين تاريخ جو اعلان ڪيو ويندو واضح رهي ته ترڪيه ۽ شام ۾ زلزلي سبب سڄي دنيا ۾ ڏک جي لهر ٻڪوڙيل آهي. وزيراعظم شهباز شريف توڙي سمورين سياسي پارٽين طرفان ڏک جو اظهار ڪيو پيو وڃي.

10 بقايا

ته زخمين جو انگ 285 آهي. ترڪ صدر ڏکڙ ترڪي ۾ بدترين زلزلي سان متاثر ٿيندڙ 10 صوبن جي علائقن ۾ 3 مهينن لاءِ هنگامي حالتن لاڳو ڪري ڇڏيون آهن هوڏانهن شام جي حڪومت ۽ ريسڪيو سروس موجب اتي فوتين جو انگ 1500 ٿي ويو آهي. سومر ڏينهن ايندڙ زلزلي سان رڳو ترڪي ۾ هيل تائين 16 هزار کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي چڪا آهن ۽ فوتين جي انگ ۾ وڌي پشماني تي واڌ جو خدشو آهي. صحت جي عالمي اداري جي اندازي موجب ان بدترين تباهي جي نتيجي ۾ فوتگيون 20 هزارن تائين به ٿي سگهن ٿيون.

11 بقايا

ڪيو ۽ حڪم ڏنو ته مصدق ملڪ جون مصروفيتون آهن، محڪماتي انڪوائري ڪئي وڃي ۽ هڪ هفتي ۾ رپورٽ ڏني وڃي. اسٽينڊنگ ڪميٽي اين ٽي ڊي سي جي ڏيٽي مئنيجرن کي فوري طور هٽائڻ جي هدايت ڪئي، پاور ڊويزن اختيارين ڪميٽي کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ته بريڪ ڊائون جي انڪوائري اڃا فائنل ناهي ٿي، ڪميٽي مائڪرو سيڪنڊ لبل تي وولٽيج جو جائزو ورتو. ڪميٽي جا 3 اجلاس ٿي چڪا، اين ٽي ڊي سي جي ڊيٽا سينٽر جو به دورو ڪيو ڪميٽي اجلاس ۾ پاور ڊويزن اختيارين انڪشاف ڪيو ته بجلي بحالي جي پراسيس ۾ تربيلا پاور هائوس 7 پيرا فيل ٿيس نيپرا چيئرمين توصيف فاروقي ٻڌايو ته بريڪ ڊائون جي جاچ لاءِ نيپرا ۾ به اجلاس ٿيو. جاچ ڪري رهيا آهيون ته بريڪ ڊائون وقت آئسوليشن ڇو نه ٿي، ٽارٽ ۽ سائوٿ سسٽم الڳ ڇو نه ٿيا. هن چيو ته بريڪ ڊائون کانپوءِ سسٽم وقت تي ري اسٽارٽ نه ٿيو، بريڪ ڊائون جو مسئلو سڄي ملڪ ۾ نه ٿيڻ گهرجي ها، هائيڊرو پاور کي اسٽارٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ان کانپوءِ اختيارين منگلا پاور هائوس اسٽارٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. واضح رهي ته گڏيل مهيني ملڪ ۾ بجلي جو بريڪ ڊائون ٿيو هو ۽ 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود بجلي مڪمل طور بحال نه ٿي سگهي هئي.

12 بقايا

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 3 رڪني لارجر بينچ جوڙيو ويو آهي. لارجر بينچ ۾ جسٽس محسن اختر ڪياني ۽ جسٽس ارباب محمد طاهر شامل آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڪاز لسٽ جاري ڪئي وئي آهي. جنهن موجب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو لارجر بينچ 9 فيبروري تي عمران خان نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندو. اڳوڻي وزيراعظم ۽ تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي نامزدگي ڪاغذن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڌيءَ ٽيريان لڪائڻ تي آئين جي آرٽيڪل 62(ون)(ايف) تحت نااهل قرار ڏيڻ جي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ محمد ساجد نالي هڪ شهري طرفان درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي.

13 بقايا

آگسٽ 2021 کان طالبان حڪومت جي اچڻ تائين 9 ارب ڊالر منجمد آهن. گڏيل قومن جي چوڻ تي آمريڪا اڌ پئسا جاري ڪرڻ تي راضپو ظاهر ڪيو هو پر طالبان حڪومت طرفان عورتن جي اسڪول وڃڻ تي پابندي جي پوءِ ڊالر روڪيا ويا. بلوم برگ چيو آهي ته افغانستان جي روزاني ڊالرن جي ضرورت هڪ کان ڏيڍ ڪروڙ آهي. گڏيل قومن افغانستان کي هفتيوار 4 ڪروڙ ڊالر امداد ڏينديون آهن. گڏيل قومون امدادي رقم جي لاءِ افغاني ڪرنسي بازار ۾ ڊالر وڪرو ڪري خريد ڪندي آهي ۽ طلب وڌڻ سبب افغان ڪرنسي گذريل سال کان 5.6 مهانگي ٿي آهي ۽ افغاني دنيا جي مضبوط ترين ڪرنسي بڻجي وئي آهي. ڊسمبر 2021 ۾ هڪ ڊالر 124 افغاني جو هو جيڪو اڄ 89.96 افغانين جو آهي. ٻئي طرف پاڪستاني رپيي جي قدر ان دوران 37 سيڪڙو گهٽ ٿي آهي بلوم برگ موجب افغانستان ۾ پاڪستاني رپيي تي پابندي لڳائڻ سان بارڊر تي واپار ڊالر ۾ ٿي رهيو آهي. طالبان حڪومت افغانستان ڊالر آڻڻ تي پابندي ختم ڪري ڇڏي آهي. افغانستان مان ڊالر ڪٺي وڃڻ جي حد 5 هزار ڊالر مقرر آهي، ٻنهي ملڪن جي سرحد تي اچ وڃ ۽ واپار جي پاليسي ته هٿڙ سبب مسئلا پيش اچي رهيا آهن.

14 بقايا

۾ عبوري ضمانت جو مدو ختم ٿيڻ تي وزيراعظم جو نائي هارون يوسف احتساب عدالت ۾ پيش ٿيو جتي سندس عبوري ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. ٻڌڻي دوران نيب جي جاچ آفيسر گرفتاري بابت بيان ۾ چيو ته هارون يوسف جي گرفتاري جي ضرورت نه آهي. نيب جي ترائي قانون تحت هارون يوسف جو ڪردار بي ناميدار جو هو نئين قانون تحت هارون يوسف جي گرفتاري جي ضرورت نه آهي. جاچ آفيسر عدالت ۾ چيو ته هارون يوسف جا گرفتاري وارنٽ موجود آهن پر نئين قانون تحت جوابدار جو ڪردار ظاهر ٿيڻو آهي. 17 فيبروري تي ان حوالي سان تفصيلي رپورٽ جمع ڪرائينداسين. جنهن کان پوءِ احتساب عدالت هارون يوسف ۽ طاهر نقوي جي عبوري ضمانت ۾ 17 فيبروري تائين واڌ ڪري ڇڏي.

15 بقايا

وسان کي جاري ۽ نئي اسڪيمن تي بريفنگ ڏني وئي ۽ ٻوڏ متاثرن آبادگارن کي ڪڻڪ لاءِ في ايڪڙ جي رقم جي ادائيگي جي پروگرام بابت پيشرفت جو به جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سنڌ ۾ ڪند جي اسٽاڪ جي موجودگي بابت به جائزو ورتو ويو سيڪريٽري زراعت اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته زراعت کاتي جي تمام ونگز جي 28 اسڪيمن مان 16 اسڪيمن جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، رهيل اسڪيمن کي به جلد مڪمل ڪيو ويندو اجلاس ۾ آفيسرن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سنڌ جي ٻوڏ متاثر آبادگارن کي ڪڻڪ جا في ايڪڙ 5 هزار رپيا ٻج جا پيسا فيبروري جي آخري ڏينهن ۾ فراهم ڪيا ويندا ۽ آبادگارن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت رقم فراهم ڪئي ويندي. منظوروسان اجلاس ۾ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي ٻوڏ آبادگارن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ سيمينارز سڏايا وڃن. جاري ۽ نئين تمام زرعي اسڪيمن کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي، ڪنهن به صورت ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪبي.

16 بقايا

تي 276.28 رپين جو ٿي ويو. گڏيل ڏينهن انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 275.30 رپين تي بند ٿيو هو. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 280 رپين جو آهي ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 3 رپيا سستو ٿيو آهي.

17 بقايا

ايند سيشن ڪورٽ ۾ جوڊيشل مئجسٽريٽ عمر شبير شيخ رشيد جي گرفتاري ڪانپوءِ ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. جج شيخ رشيد جي وڪيل کان سوال ڪيو ته توهان جي مطابق شيخ رشيد عمران خان کي مارڻ جي سازش جو حصو ناهي؟ ان تي وڪيل چيو ته شيخ رشيد عمران خان جو بيان جو حوالو ڏنو ۽ چيو ته هو جيڪو چئي رهيو آهي صحيح آهي. شيخ رشيد جو بيان نشر ٿيڻ کان ٻه ڏينهن اڳ ڪيس داخل ڪيو ويو هو شيخ رشيد جي وڪيل چيو ته جيڪڏهن قتل پوليس جي سامهون ٿئي ته ڪيس ايترو جلدي داخل نه ڪيو وڃي. معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي پر واٽ ڏوڙي وئي، عمران خان جو بيان حقيقت تي مبني آهي. قتل آهي. عمران خان خلاف سازش ٿي رهي آهي. جنهن جي ڪارروائي به ٿي رهي آهي. آصف زرداري خلاف توهين جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. وڪيل چيو ته شيخ رشيد جي جسماني رمانڊ دوران پوليس کي ڪجهه نه مليو. ڪيس صرف سياسي انتقام وٺڻ لاءِ داخل ڪيو ويو. شيخ رشيد کان جاچ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي، ان ڪري سندس ضمانت منظور ڪئي وڃي. عدالت به ڪنهن کي روڪي ڇڏيو آهي. فيصلي ۾ رڪيڪ عمل جج چيو ته شيخ رشيد اسپتال ۾ گهرو وزير خلاف بيان ڏنو ڇا شيخ رشيد جي الزامن سان ملڪ ۾ افراتفري پکڙجڻ جو خطرو ناهي؟ وڪيل چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ان بابت داخل درخواست معطل ڪري ڇڏي آهي. شيخ رشيد حراست دوران بيان ڏنو. حراست دوران بيان جي ڪا به اهميت ناهي. پراسيڪيوٽر پنهنجي دليلن ۾ چيو ته شيخ رشيد نظربندي دوران ڪيس جي شڪن کي بار بار پوڳي رهيو آهي. شيخ رشيد هن وڏن سياسي گروپن ۾ ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ چاهي ٿو پراسيڪيوٽر چيو ته شيخ رشيد جي بيان سان معاشري ۾ انتشار پکڙڻ جو خدشو آهي. هاءِ ڪورٽ رڳو سمن کي معطل ڪيو. شيخ رشيد کي وڏي مشڪل سان گرفتار ڪيو ويو. جيڪڏهن ضمانت ملي ته هو ڀڄي ويندو.

18 بقايا

تي زور ڏنو ته خاص ماڻهن لاءِ پنهنجا دروازا کولي ته جيئن ڪين روزگار ملي سگهي. هن چيو ته ڄاڻايل ادارو خاص ٻارن لاءِ بهترين ادارو آهي ۽ انتظاميا ڏينهن رات محنت ڪري اداري کي ڪامياب ڪيو آهي ۽ سنڌس سنڌ حڪومت جي ٻڻ ڀرپور توجهه آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ اچا به هڪ لک اسپيشل (خاص) ٻار آهن جن کي

اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻو آهي. هن چيو ته مونکي سنڌن باصلاحيت شاگردن کي ڏسي گهڻي سرهائي ٿي جن بيچلر آف آرٽس پروگرام مان گريجوئيشن مڪمل ڪئي آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد خاص ماڻهن کي ترقي جا موقعا فراهم ڪرڻا آهن هڪ پارٽنر جي طور تي ڊيف ريچ اسان جي نظريئي کي اڳتي وڌايو آهي. هن چيو ته ڊيفريچ پاران ٻڌڻ کان محروم شاگردن کي ڏنل سهولتن مونکي گهڻو متاثر ڪيو آهي. مراد علي شاهه چيو ته مون ڊيفريچ جو ڊجيٽل سائن لينگويج سکيا وارو پروگرام ڏٺو آهي. ڊجيٽل سائنس ٻولي هڪ منفرد وسيلو آهي جيڪو نه رڳو شاگردن ۾ پر پاڪستان جي ٻين شعبن ۾ پڻ صلاحيت وڌائڻ ۾ مدد ڪندي. مون کي اميد آهي ته ڊجيٽل سائنس ٻولي مستقبل ۾ شاندار وسيلو بڻجندي. هن چيو ته اسان کي فخر آهي ته اسان ڊيفريچ سان گڏ سنڌ جي ڇهن هنڌن تي 6 اسڪولن سان ڀاڱي ڀائيواري ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ڊيف ريچ سينٽر جي عمارت ٻن ايڪڙن تي ٻڌل آهي جنهن ۾ 2 هزار ٻار پڙهن ٿا. سنڌ جي وڏي وزير ان ۾ وڌيڪ ٻه ماڙ تعمير ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڊيف ريچ اسڪول سنڌ حڪومت جي اسٽوڊنٽا بلڊنگ ۾ قائم آهي جنهن کي اسٽوڊنٽا 2009 ۾ مونٽر ٽيڪنيڪل اسڪول جي فيملي ايجوڪيشن سروس کي عطيو ڪيو هو. هتي خاص ٻارن کي گريجوئيشن تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. سنڌ جي وڏي وزير خاص ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ حيدرآباد ۽ سکر ۾ اسڪول پڻ قائم ڪندو جنهن کي Deaf Reach جي سهڪار سان هلايو ويندو. وڏي وزير جي ڊيف ريچ اسڪول پهچڻ تي صلاحڪار صادق ميمڻ، ڊيف ريچ جي باني رچرڊ گيري ۽ ٻين سندس آجيان ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڊيف ريچ اداري جو جائزو پڻ ورتو ۽ وڏي وزير اتي موجود خاص ٻارن سان ملاقات ڪندي تصويرون ڪڍرايون ۽ ٻارڙن جون سرگرميون ڏٺيون. خطاب جي آخر ۾ وڏي وزير ڊيف ريچ جي باني رچرڊ گيري پاران دعوت ڏيڻ تي سندس ٿورا مڃيا.

19 بقايا

نيب کي ختم ته ڪنداسين حڪومت نه هلندي. جاويد اقبال روئي روئي چئي ٿو ته مون کان حڪومت ڪرائيندي هئي. نيب کي سياستدان توڙڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا ته قيمت عوام ادا ڪندو. جاويد اقبال اهو ٻڌائي ته ڪانڪس ڪيس ڪنهن داخل ڪرايا. سندس موجب عمران خان احتساب جا ٿي مشهور صلاحڪار رکيا پرچوندو مان نٿو ڪيان. مون کان جنرل باجوا ٿو ڪرائي جنرل باجوا چئي ٿو ته مون کي خبر ناهي. شاهد خاقان عباسي وضاحت ڏيندي چيو ته مان ن ليگ ۾ ئي آهيان. ميان صاحب علاج ڪرائي واپس ايندو.

20 بقايا

جسٽس آءِ جي کان پڇائو ڪيو ته هيل تائين ڪيترا ماڻهو فوت ٿيا آهن؟ آءِ جي ٻڌايو ته 18 فوت ٿيا آهن. جيڪر اسان وٽ آيو اسان ڪيس داخل ڪيو. چيف جسٽس چيو اهو هڪ سنگين ڏوهه آهي. سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو وڃي. اڳ به واقعو ٿي چڪو آهي. اسان چيو هو ايس ايس پي رينڪ جي آفيسر کان جاچ ڪرائي وڃي. هر فوتي جي پوسٽ مارٽم ڪرايو وڃي. چيف جسٽس جاچ آفيسر کان سوال ڪيو ته پوسٽ مارٽم ڪرايو هو؟ جنهن تي جاچ آفيسر ورائيو ته هڪ جو پوسٽ مارٽم ڪرايو آهي. جاچ آفيسر جي ڪارڪردگي تي چيف جسٽس ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته آءِ جي صاحب، توهان جي موجودگي ۾ هي جاچ جو معيار آهي. درخواست گذار جي وڪيل ٻڌايو ته جيڪا فيڪٽري سيل ڪئي وئي هئي. اها ڊي سي پيهر کولي ڇڏي آهي. جسٽس يوسف علي سعيد چيو ته ڪيس جاچ ٿي. ان ڪانپوءِ فائل بند، انٽين نه ٿيڻ گهرجي. ڊي سي کي ماڙي مختيار ابڙي چيو ته مان فيڪٽري کولڻ جي اجازت نه ڏني. اسان ماڻهن کي چيو قبرن جو ٻڌايو وڃي. ماڻهو اسان کي قبرن جو ٿي ڏسن ٿا. بڌائين چيف جسٽس ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اهڙن ماڻهن جي پوسٽنگ ڪيئن ٿي ٿي گهرجي. نااهلن کي هٽايو، اهو انساني زندگي جو المير آهي. ڪيس جي ٻڌڻي ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي آءِ جي چيو ته عدالت جاچ لاءِ سينيئر ليول جي ٽيم ناهڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ موت جا ڪارڻ جاچڻ جو چيو آهي. واقعي جو الڳ ڪيس داخل ڪنداسين. هن چيو ته جيڪڏهن جاچ آفيسر طرفان دير ٿي ته ايڪشن وٺنداسين. واقعي ۾ هڪ شخص گرفتار آهي. جنهن ضمانت ورتي وئي آهي.

21 بقايا

حصن ۾ به سيڪيورٽي وڌائيندي رينجرز ريسپانس فورس (آر آر ايف) جي اهلڪارن کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪانسواءِ عدالت ٻاهران رينجرز جي نفري به وڌائي وئي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي داخلي رستن تي گاڏين جي تلاشي به ورتي پئي وڃي. واضح رهي ته گڏيل هفتي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ عدالت عاليا جي سيڪيورٽي وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو.

22 بقايا

اميدوار نظرانداز ڪيا ويا آهن. اسان کي آرڊر ڏياري ٻي چيني ختم ڪئي وڃي، وڪيل موجب 21 هزار جايون خالي، 39 مارڪن تائين ڪئنڊ اميدوارن کي هارڊ ايرياز جو جواز ڄاڻائي نظرانداز ڪيو ويو هو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ 33 کان 39 مارڪون ڪئنڊ اميدوارن کي نوڪريون نه ڏيڻ جو حڪم ڏئي چڪي آهي. ايڊوڪيٽ جنرل سنڌ جواب جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي ويو عدالت کان هفتي جي مهلت گهري ورتي آهي. ٻڌڻي هفتي لاءِ ملتوي ڪئي وئي آهي

23 بقايا

اي 59 راولپنڊي مان چونڊ وڙهندو. چوڌري نثار سياڻي آزاد حيثيت سان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندو. واضح رهي ته تحريڪ انصاف جي قومي اسيمبلي ميمبرن جي استعيفيٰ ڪانپوءِ اها سيٽ خالي ٿي هئي. جنهن تي 19 مارچ تي چونڊ ٿيندي.

24 بقايا

پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ لاڳاپيل ٽڪن جي مسئلن ۽ جاري ترقياتي ڪمن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

25 بقايا

وٺندي واٽر بورڊ جا سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪري ڇڏيا. ان سلسلي ۾ سي اي او واٽر بورڊ جي حڪم تي چيف سيڪيورٽي واٽر بورڊ نثار احمد مگسي ۽ ميجر عبدالمجيد اعوان (ر) جي اڳواڻي ۾ پاڪ ڪالوني هارون آباد سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ تي آپريشن ڪيو. ڪارروائي دوران 12 جوابدارن کي حراست ۾ وٺي پاڪ ڪالوني ٿاڻي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. واٽر بورڊ اختيارين موجب ملوث جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪرائي ويندو. ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ چيو ته ڪنهن کي به واٽر بورڊ جي سمورين تنصيبات ۽ زمين تي چوري يا قبضي جي اجازت هرگز نه ڏني ويندي. هن چيو ته چوري ۾ ملوث جوابدار ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن جڏهن ته چوري ۾ ملوث سمورن جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪين انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

26 بقايا

پاران جاري بيان موجب خيبرپختونخواهه جي گادي واري شهر ۾ چيف منسٽر هائوس ۾ نگران وڏي وزير محمد اعظم خان سان ٿيندڙ ملاقات ۾ صوبي جي مجموعي صورتحال ۽ امن امان جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي.

27 بقايا

جنهن ۾ موسميات کاتي، چنڊ ڏسڻي ڪميٽي ۽ ٻين طرفان چنڊ جي معاملي تي ٿيندڙ تڪرار تي گفتگو ڪئي وئي. مشاهد حسين سيد چيو ته سڏائين چنڊ تي تڪرار ٿيندو آهي. پوپلزئي صاحب کي سڏائين چنڊ تڪڙي نظر اچي ويندو آهي. موسميات کاتي جي خبر هوندي آهي ته چنڊ ڪڏهن نڪرندو پر همت ناهي ڪندو. موسميات کاتي جي اختيارين چيو ته چنڊ جي حوالي سان ڏيتا اڳ ئي ڪميٽي کي فراهم ڪئي ويندي آهي. هن سال چنڊ جي مسئلي تي ڪو تڪرار نه ٿيندو. هن ڀيري رمضان ۽ عيد جو چنڊ سڄي ملڪ ۾ گڏ ڏٺو ويندو.

28 بقايا

چيو آهي ته امدادي دستا 6 فيبروري جي رات پاڪ فضائيه جي خصوصي جهاز ذريعي روانا ٿيا. امدادي سامان ۾ خيما، ڪمبل ۽ ٻيو امدادي سامان به شامل آهي. آءِ ايس پي آر طرفان ٻڌايو ويو آهي ته پاڪ فوج جي ميڊيڪل ٽيم 30 بسترن جو موبائل اسپتال قائم ڪندي.

29 بقايا

گهرڀاتين جي لاءِ صبر جميل ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. وفاقي ڪابينا واپار واري وفاقي وزير سيد نويد قمر جي پيٽوبي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فاتح خواني ڪئي. وزيراعظم ڪابينا کي زلزلي جي فوري پوءِ ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان سان پنهنجي ٽيليفونڪ رابطي بابت ٻڌايو جنهن ۾ هن زلزلي سان ٿيندڙ تباهي تي گهري افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ترڪيه جي حڪومت ۽ عوام سان پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ ترڪيه هڪ جان ٻه دل آهن. ترڪيه 2022ع جي تاريخي ٻوڏ ۾ پنهنجي پاڪستاني ڀائرن جي مدد ۾ سڀ کان تيڳ رهيو هن چيو ته پاڪستاني قوم پنهنجي ترڪ ڀينرن ڀائرن کي مصيبت جي هن گهڙيءَ ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي، اٿون پاڻ سياڻي زلزلي سٽيل علائقن جي دوري جي لاءِ ترڪيه روانو ٿي رهيو آهيان. وزيراعظم چيو ته پي آءِ اي ۽ پاڪستان ايئرفورس جون اڏامون ريسڪيو ٽيمون ۽ امدادي سامان کڻي ترڪيه روانيون ٿي چڪيون آهن. ريسڪيو اهلڪارن ڪانسواءِ ڊاڪٽرز ۽ پيراميڊڪس پڻ امدادي ٽيمن ۾ شامل آهن جڏهن ته وڌيڪ امدادي سامان جي پهچ جاري رهندي. وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪ ۾ زلزلي سٽيلن جي امداد جي لاءِ هڪ ريليف فنڊ قائم ڪرڻ جي هدايت ڪندي سمورن پاڪستانين کي ان فنڊ ۾ وڌ چڙهي حصو وٺڻ جي اپيل ڪئي. وڌيڪ اهو ته وزيراعظم ڪاروباري ماڻهن ۽ سرندڙن وارن کي پڻ اپيل ڪئي ته اهي ان ريليف فنڊ ۾ عطيا ڏين. وفاقي ڪابينا متفق طور تي ترڪيه جي زلزلي سٽيلن جي لاءِ پنهنجي هڪ مهيني جي پگهار بطور عطيو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته وفاقي حڪومت جي گريڊ 18 کان گريڊ 22 جي آفيسرن جي هڪ ڏينهن جي پگهار ترڪيه جي زلزلي سٽيلن جي لاءِ قائم ريليف فنڊ ۾ بطور عطيو ڏني ويندي. وزيراعظم چيو ته مون سميت پوري پاڪستاني قوم ان افسوسناڪ قدرتي آفت ۾ ترڪيه ۽ شام جي عوام سان گڏ بيٺل آهي. پاڪستان پاران انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي. وفاقي ڪابينا نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي صدر جي مقرري جي عمل کي نئين سر شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني. ڪابينا ان عمل کي فوري بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي. وفاقي ڪابينا گهرو وزارت پاران موڪليل ڪريمنل لاز/ قانون فوجداري (ترميمي) بل 2023ع جي حوالي سان هڪ ڪابينا ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي جيڪا بل جي مسودي جو غور سان جائزو وٺي پنهنجي رپورٽ ڪابينا جي ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪندي. ڪميٽي ۾ وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله، قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير سردار اياز صادق ۽ وفاقي ڪابينا ۾ موجود سمورين اتحادي پارٽين جا نمائندا شامل هوندا.

30 بقايا

جيل ڀريو تحريڪ عدالتن کان ڇوٽ وٺڻ جي تحريڪ ۾ بدلجي وئي آهي. عطاءالله تارڙ چيو ته ٽيريان ڪيس ۾ عمران خان عدالتي اختيار کي چيلنج ڪري ڇڏيو آهي هو جيترا تاريخي حربا استعمال ڪندو اوترو وڌيڪ ڦاسندو. ڪيس ڌيءَ ٽيريان ۽ توشه خانه ڪيس جو جواب ڏيڻو پوندو. وزيراعظم جي صلاحڪار چيو ته عثمان بزدار کي صرف پئسا ڪمائڻ جي لاءِ پنجاب جو وڏو وزير مقرر ڪيو ويو هن گهڙيون ۽ هار به نه ڇڏيا. پنجاب جا اڳوڻو وڏو وزير مقررين ۽ بدلين تي به رشوت وٺندو هو احسن جميل گجر کان اسان به ڪيترن ماڻهن جي سفارش ڪئي آهي. منهنجو نئيو ۾ پاڻ احسن جميل گجر وٽ سفارش جي لاءِ ويو آهي. عطاءالله تارڙ چيو ته محمد انوارالحق ولد عطا محمد فرح گوگي جي اڪائونٽ ۾ 754 بينڪ ٽرانزيڪشن ذريعي 86 ڪروڙ 29 لک رپيا جمع ڪرايا آهن. اهڙي طرح فيصل مسيح، احمد منصور ۽ نواز به آهن جنهن 3 سال دوران گڏيل طور تي 959 ٽرانزيڪشن ۾ هڪ ارب 60 ڪروڙ رپيا روڪ جمع ڪرايا آهن. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ڪوبه اهڙو ڪاروبار ٻڌايو جنهن ۾ ڪا بينڪ ٽرانزيڪشن، ڪراس چيڪ، مني آرڊر يا پي آرڊر ناهي، صرف روڪ رقم جمع ڪرائي وئي آهي. فرح گوگي کي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي فرار ڪرايو آهي. 23 ڪروڙ رپيين جي اثاثن جي مالڪياڻي فرح گوگي 3 سالن دوران هڪ ارب 60 ڪروڙ رپيه ڪيئن ڪمائي ورتي ٿي. عطاءالله تارڙ چيو ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بي فرح گوگي جا حصيدار هئا. عمران خان جي نڪاح ۾ فرح گوگي گواهه آهي. هو پاڪستان چونتي اچي، هو پاڪستان اچي نيب ۽ ايف آءِ اي جي ڪيسن کي منهن ڏئي. عمران نيازي 2019 ۾ فرح گوگي ۽ سندس مڙس کي ايمنسٽي اسڪيم ذريعي فائدو پهچايو هن چيو ته جيڪڏهن عمران خان ڪرپشن ناهي ڪئي ته فرح گوگي کي واپس آڻي پرائين نه ٿيندو چو ته فرح گوگي جيڪڏهن واپس آئي ته سڀ ڪجهه ظاهر ٿي ويندو ۽ فرح عمران خان لاءِ وڏو مسئلو بڻجي ويندي.

31 بقايا

اي 59 راولپنڊي مان چونڊ وڙهندي. چوڌري نثار سياڻي آزاد حيثيت سان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندو. واضح رهي ته تحريڪ انصاف جي قومي اسيمبلي ميمبرن جي استعيفيٰ ڪانپوءِ اها سيٽ خالي ٿي هئي. جنهن تي 19 مارچ تي چونڊ ٿيندي.

بقايا 01 سنڌيار

تعليمي خدمتن کي مد نظر رکندي سندس مان ۾ شروع ڪيو آهي، هن موقعي تي پروفيسر عرفان ڪلهوڙو پرنسيپال استاد بخاري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج دادو چيو ته شاگردن ۾ فيصلي ڪرڻ جي قوت پيدا ڪرڻ ۽ وقت تي مناسب منصوبه بندي ڪرڻ لاءِ راند جو ميدان بهترين تجربيگاهه آهي.جتي شاگردن کي انفرادي تجربن سان گڏ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ جو ڀرپور موقعو ملي ٿو.جڏهن ته مختلف راندين ۾ هاڪي، ڪرڪيٽ، والي بال، فوٽ بال، ٽگ آف وار، ايٿليٽڪ بيڊمنٽن، ٽيبل ٽينس سلو سائيڪلنگ، جيولن ٿرو، سيڪ ريس، جهڙين صحت افزا راندين ڪيڏڻ جو بندوبست دادو ڪاليج انتظاميه جوڙيو آهي جنهن جو بنيادي مقصد ته شاگرد جي جسماني تربيت ۽ ٿئي ۽ شاگرد جتي به هجي(گهر ۾، تعليمي اداري ۾، دوستن سان گڏ، سفر ۾ يا اڪيلي سر) ڊسپلين ۽ قانون جي پاسداري ڪري ۽ پنهنجي ڌرتي جي صفائي ساوڪ ۽ سونهن جو خيال رکي، اسپورٽس ويڪ جو افتتاح قران پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو. پروگرام جي افتتاحي تقريب ۾ ڪاليج جي استادن راندين ۾ شريڪ ٿيندڙ شاگردن کي وش ڪيو ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو اسپورٽس ويڪ جي شروعات استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو جي جڳ مشهور پروفيسر عبدالسليم سولنگي سان منسوب ڪرڪيٽ گرائونڊ تي ڪرڪيٽ مئچ سان ڪئي وئي، ٻارهين پري ميڊيڪل جي ٽيم ۽ ٻارهين پري انجينئرنگ جي ٽيمن وچم ۾ شاندار مقابلو ٿيو پهرين بيٽنگ ڪندي ٻارهين پري انجينئرنگ جي ٽيم آل آئوٽ تي 135 اسڪور ڪيو، جنهن ۾ حسنين 37 انفرادي وڏو اسڪور ڪيو جڏهن ته ٻارهين پري انجينئرنگ جي ٽيم 10 اوورن ۾ 82 اسڪور ڪري راند هارائي، سپورٽس ايونٽ ۾ ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن ڀرپور حصو ورتو ڪاليج جي شاگردن رنگا رنگي ڊريسون پائي گرائونڊ تي راندينگرن کي خوب داد ڏني.

بقايا 02 سنڌيار

سخت پريشان هيو ۽ زال کي ڌمڪيون ڏيندو هيو ته منهنجي پورٽ نٿي ٿئي مان ٻچا پالي نٿو سگهان ۽ ان سان اڪثر جهيڙو ٿيندو هوس ته ڏينهن اڳ به زال ۽ ٻارن سان جهيڙو ڪري ڪين مارڪيٽ ڪئي ته زال ٽائي تي دانهن ڪئي آئي لاڪپ ڪري ڪيس سمجهايوس ۽ ان ڪان معافي وٺي واپس گهر ويو اڄ صبح جو سوير گهر ۾ رسو ٻڌي پاڻ کي ڦاهو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيائين پوليس اطلاع ملڻ تي سندس لاش ڪٽائي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ڪنڊڪوٽ روانو ٿي ريئي واقعي بعد فوتي جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 03 سنڌيار

